غير رسمي تدريس جي طريقي مطابق

# اسلاميات

## درسي ڪتاب

### پيڪيج - اِي (درجو اٺون)




Directorate of Curriculum Assessment & Research (DCAR)

School Education & Literacy Department, Government of Sindh

Directorate of Literacy & Non-Fomal Education

هن ڪتاب جا سبق حق ۽ واسطا
ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، حڪومت سنڌ وٽ محفوظ آهن.

هن ڪتاب جو تدريسي مواد غير رسمي مرڪزن جي شاگردن جي تعليمي ضرورتن کي مدنظر رکي ڪري حڪومت سنڌ پاران منظور ڪيل نصاب موجب ترتيب ڏنو ويو آهي. انهي سلسلي ۾ ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، حڪومت سنڌ هن ڪتاب جي بهتري جي لاءِ توهان جي ڪارائتي راءِ جي آجيان ڪندي.

| ليکڪ ۽ مرتب | سنڌيڪار | نصاب ۽ ڪتاب جي صوبائي جائزو ڪاميٽي |
|---|---|---|
| 1. ثناءالله پٽو<br>2. ڊاڪٽر مختيار احمد ڪانڍڙو<br>3. ڪهڪشان منصور | 1. محمد انس راڄپر | 1. ڊاڪٽر خليل احمد ڪورائي<br>2. نياز احمد راڄپر |

**نگران: اعليٰ:** ڊاڪٽر فوزيہ خان، چيف ايڊوائزر، ڪريڪيولم ونگ، اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ

**نگران:** عبدالجبار مري، ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ
نور احمد ڪوسو، ڊائريڪٽر، ادارو نصاب،جائزو ۽ تحقيق اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ

**نگران اشاعت:** عابد حسين گِل، ڊپٽي چيف ايڊوائزر (JICA AQAL Project)
آصف ابرار، ايجوڪيشن اسپيشلسٽ (UNICEF Sindh, Karachi)

**ٽيڪنيڪل معاملا:** محمد يونس، ڪريڪيولم اسپيشلسٽ (JICA, AQAL Project)

**انتظامي معاملا:** وسيم احمد صديقي، ڊپٽي ڊائريڪٽر، عمران علي سومرو، ڪمپيوٽر پروگرامر، ادارو خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ.
پريم ساگر، صوبائي ڪوآرڊينيٽر سنڌ، (JICA AQAL, Karachi)
فائقا لاکو، ٽريننگ آفيسر سنڌ، (JICA AQAL Project)
ريحانہ بتول، ايجوڪيشن آفيسر، (UNICEF Sindh, Karachi)

**آزمائشي ڇاپو:** سال 2025

**ڪمپوزنگ، لي آئوٽ:** فرحان جاويد، اڪمل شهزاد، JICA, AQAL Project، زاهد علي ابڙو DCAR

**ٽيڪنيڪل ۽ مالي سهڪار:** JICA AQAL Project ۽ UNICEF Sindh, Karachi

# پيغام

قومن جي ترقيءَ جو دارومدار ماڻهن جي شعوري معلومات تي ٻڌل هوندو آهي ۽ انهيءَ ڪري هر شخص لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ لازمي آهي. اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي شِق 25-A ۽ 37-B کان علاوه انساني حقن جي عالمي چارٽر جو پڻ مطالبو آهي، ته ملڪ جو هر شخص تعليم جي زيور سان سينگاريل هجي.

پاڪستان ۽ خاص طور تي سنڌ صوبي جي آباديءَ جو ڪجھ وڏو حصو علم جي روشنيءَ کان محروم آهي. هن وقت سنڌ ۾ خواندگي جي شرح 62 سيڪڙو کان به گهٽ آهي. سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته هن شرح کي 2030ع تائين 85 سيڪڙو تائين پهچايو وڃي.

سنڌ صوبي ۾ تعليم کاتي، يونيسيف UNICEF، جائيڪا JICA، ڊائريڪٽوريٽ نصاب، جائزو ۽ تحقيق، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ ۽ مختلف ماهرن جي تعاون سان غير رسمي تعليم جي لاءِ مختلف مضمونن جا نصاب ترتيب ڏنا آهن. پهرئين مرحلي ۾ ابتدائي درجن جا نصاب مرتب ڪيا ويا ۽ 2022ع ۾ ايليمينٽري درجن جا نصاب ترتيب ڏنا ويا. انهيءَ نصاب جي تحت ايليمينٽري درجن جي سيني مضمونن جا درسي ڪتاب ۽ استادن جي لاءِ رهبر تيار ڪيا ويا آهن. جن جي مدد سان صوبي سنڌ جا شاگرد 18 مهينن ۾ ايليمينٽري تعليم مڪمل ڪري سگهندا. انهن درجن کي پيڪيج ڊي ۽ اِي جا نالا ڏنا ويا آهن ته جيئن اهي ٻار جيڪي ڪنهن به سبب جي ڪري اسڪولن ۾ رسمي تعليم جاري نه رکي سگهيا ۽ انهن جي عمر وڏي وئي آهي ته اُهي، هن تيز رفتار تعليم يعني 18 مهينن تي مشتمل ڪورس جي ذريعي تعليم مڪمل ڪري ايليمينٽري جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري سگهن.

سمورن استادن ۽ فيلڊ جي عملي کي گذارش ٿي ڪجي ته اهي پنهنجا فرض خوش اسلوبيءَ سان انجام ڏين ۽ پڙهائيءَ دوران جي دوران پيش ايندڙ مسئلن کان اسان کي آگاهه ڪن ته جيئن انهيءَ عمل ۾ بهتري آندي وڃي.

وڏي اميد آهي ته نئين نصابَ مطابق جوڙيل هي مواد غير رسمي تعليم جي ضرورتن جو بهتر انداز ۾ پورائو ڪندو.

**زاهد علي عباسي**

سيڪريٽري

تعليم ۽ خواندگي جو کاتو،

حڪومت سنڌ

# پيش لفظ

ارڙهين آئيني ترميم کان پوءِ تعليم ۾ نصاب سازي جون ذميواريون صوبن جي حوالي ڪيون ويون آهن. انهي ڏس ۾ ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ 2015ع ۾ جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي (JICA)، يونيسيف (UNICEF ) ۽ ڊائريڪٽوريٽ نصاب، جائزو ۽ تحقيق،(DCAR) اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتي جي تعاون سان غير رسمي تعليم جي حوالي سان ابتدائي درجن جي لاءِ مختلف مضمونن جا نصاب تيار ڪيا، جنهن کي پيڪيج اي، بي، سي جا نالا ڏنا ويا. انهي نصاب تحت درسي ڪتاب ۽ استادن جا رهبر پڻ تيار ڪيا ويا. مٿي ڄاڻايل نصاب ۽ ڪتابن جي تياري ۾ تعليمي ماهرن ۽ استادن تي مشتمل ڪاميٽيون جوڙيون ويون، جن هِن ڪم ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ مواد کي دلچسپ، مؤثر ۽ لاڀائتو بنائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي.

ابتدائي درجن تي عمل درآمد ڪرڻ دوران انهيءَ ڳالھ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي تہ ايليمينٽري درجن جو نصاب پڻ تيار ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ 2015ع ۾ جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي (JICA)، يونيسيف (UNICEF ) ۽ ڊائريڪٽوريٽ نصاب، جائزو ۽ تحقيق،(DCAR) اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتي جي تعاون سان ايليمينٽري درجن جي مختلف مضمونن جي نصاب، درسي ڪتاب ۽ استادن جي رهبر کي تيار ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. ڪلاس ڇهين ۽ ستين جي جڳھ تي پيڪيج ڊي رائج ڪيو ويو ۽ اٺين ڪلاس جي لاءِ پيڪيج اِي جوڙيو ويو.

سنڌي پيڪيج اِي جي درسي ڪتاب جي سبقن جي تياري ۾ نصاب ۾ ڏنل مهارتن، معيارن، سکيا جي حد، سکيا جي حاصلات ، موضوع ۽ عنوانن سان گڏ تعليم جي بنيادي اصولن کي ذهن ۾ رکيو ويو آهي جهڙوڪ: آسان کان مشڪل، سادن کان پيچيده ۽ ظاهر کان ڳُجها تصور ۽ خيال شامل ڪيا ويا آهن. سبقن جي مشقن ۾ ٻوليءَ جي سجاڳي تي خاص توجھ ڏنو ويو آهي ۽ تعليمي حاصلات جو جائزو وٺڻ لاءِ مختلف نوعيت جا سوال پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

’استادن جي رهبر‘ ۾ هر سبق جي سبقي خاڪي موجب مؤثر تدريسي طريقن ۽ سکيا ۾ مددگار ڳُرن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. سکيا جي سرگرمين ۾ تعليمي حاصلات جي لاءِ ذهني آمادگيءَ جي فن، سبق جي پيش ڪش سان گڏوگڏ عبارتن ۽ گرامر جو پڻ خاص خيال رکيو ويو آهي.

اميد تہ ڪريون ٿا توهان انهيءَ ’درسي ڪتاب‘ ۽ ’استادن جي رهبر‘ کي تعميري، تنقيدي نقطہ نظر سان ڏسندا ۽ انهيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجي قيمتي راين سان نوازيندا.

خيرخواھ
عبدالجبار مري
ڊائريڪٽر
ادارو خواندگي ۽ غير رسمي تعليم
حڪومت سنڌ

# قرآن  ڪريم

## تعارف

قرآن پاڪ الله تعالىٰ جو ڪلام ۽ مقدس ڪتاب آهي، جيڪو سڀني انسانيت لاءِ هدايت جو ذريعو آهي. هن عظيم ڪتاب کي الله تعالىٰ پنهنجي آخري رسول حضرت محمد خاتم النبيين رسول الله صلي الله عليہ وعلىٰ آلہ واصحابہ وسلم جي ذريعي دنيا تائين پهچايو. ان ۾ ڪائنات جي خالق انسانيت لاءِ صحيح عقيدن ۽ گڏوگڏ سماجي، معاشرتي، اقتصادي ۽ ٻين ضروري معاملن بابت مڪمل طريقيڪار ڏنو آهي، جنهن تي عمل ڪري، انسان الله جل شانہ جي رضا ۽ خوشنودي سان گڏ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ۽ سعادت حاصل ڪري سگهي ٿو.

قرآن پاڪ ۾ ٽيهه پارا ۽ هڪ سئو چوڏهن سورتون آهن، جيڪو خاتم النبيين حضرت محمد ﷺ تي آهستي آهستي تقريبًا ٽيويهن سالن جي عرصي ۾ نازل ٿيو. هيءُ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ ڪتاب آهي. هن مبارڪ ڪتاب جا ڪيترائي فضائل آهن. قرآن پاڪ کي ياد ڪرڻ وڏي سعادت آهي. ان کي پڙهڻ وارن کي وڏو اجر ملي ٿو ۽ انهن جو ايمان وڌي ٿو. نبي ڪريم ﷺ جن جو ارشاد آهي:

حديث مبارڪ جو حوالو لکيو وڃي.
قرآن پاڪ پڙهندڙ کي هر حرف جي تلاوت تي ڏهه نيڪيون ملن ٿيون. ان تي عمل ڪرڻ واري لاءِ اجر عظيم آهي ۽ اهو دنيا ۽ آخرت جي سعادت جو حقدار بڻجي وڃي ٿو“.

هن باب ۾ قرآن پاڪ جا ڏهه پارا (21 کان 30) ناظره تجويد سان پڙهايا ويندا ۽ ٻن سورتن (سورة التڪاثر ۽ سورة الهمزة) کي حفظ ڪرايو ويندو. ان کان علاوه آيت الڪرسي کي ترجمي سان ياد ڪرايو ويندو.

## مقصد

هن باب ۾ ڏنل نصابي مواد جو اصل مقصد اهو آهي، تہ شاگرد قرآن پاڪ کي نماز ۽ روزاني زندگيءَ ۾ صحيح تلفظ ۽ درست انداز سان پڙهي سگهن. ڪجهہ حصو ياد ڪري سگهن ۽ ڪجهہ حصي جو ترجمو پڙهي سگهن، تہ جيئن انهن ۾ قرآن پاڪ تي غور و فڪر ڪرڻ، عمل ڪرڻ ان جي پيغام کي عام ڪرڻ جو جذبو ۽ شعور پيدا ٿي سگهي. ان سان گڏوگڏ شاگردن ۾ قرآن فهميءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

**الف ناظره قرآن: 21 کان 30 (ڏھ پارا)**

**سکيا جي حاصلات:**

1. شاگرد قرآن پاڪ کي تجويد، خوش الحانيءَ ۽ روانيءَ سان تلاوت ڪري سگھندا.
2. شاگرد قرآن مجيد تجويد، خوش الحانيءَ، ۽ روانيءَ سان تلاوت ڪري سگھندا.
3. مذڪوره سورتن کي ياد ڪري نماز ۾ ۽ نماز کان علاوه روانيءَ سان زباني پڙھي سگھندا.

(21)اُتْلُ مَا اُوْحِيَ (22)وَمَنْ يقْنُتْ (23) وَمَا لِيَ (24) فَمَنْ اَظْلَمُ (25) اِلَيْهِ يُرَدُّ (26)
حٰمٓ(27) قَالَ فَمَا خَطْبُكم (28) قَدْ سَمِعَ اللہُ (29) تَبَارَكَ الَّذِي (30) عَمَّ

**استادن لاءِ ھدايتون**

1. شاگردن کي قرآن پاڪ جي پارن جا نالا ياد ڪرايا وڃن.
2. ناظره ۽ حفظ جا ٻئي حصا ڇھ ماھي امتحان ۾ شامل ڪيا وڃن، جڏھن تہ ساليانِي امتحان ۾ زباني امتحان ورتو وڃي. ۽ حاصل ڪيل نمبر نتيجن جي فھرست ۾ شامل ڪيا وڃن.
3. اسلاميات جا ڪل سئو نمبر مقرر ٿيل آھن، جن ۾ ناظره قرآن لاءِ 40 نمبر مخصوص ڪيا ويا آھن. اسلاميات ۾ ڪاميابيءَ لاءِ ناظره قرآن مجيد ۾ ڪاميابي لازمي آھي.

**(ب) حفظ قرآن مجيد:** سورة الهُمَزة . سورة اَلتَّكَاثُرُ.

**سکيا جي حاصلات:**

قرآن پاڪ جو ھيءُ حصو پڙھڻ کان پوءِ شاگرد ھن قابل ٿي ويندا:

1. ذڪر ڪيل سورتن کي تجويد سان گڏ زباني ياد ڪري ٻڌائي سگھندا.
2. انھن سورتن کي ياد ڪري نماز ۾ ۽ نماز کان ٻاھر روانيءَ سان زباني پڙھي سگھندا.

## سورة التكاثر

**اَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيمِ**

**بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ**

**اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ (١) حَتّٰى زُرۡتُمُ الۡمَقَابِرَ(٢) كَلَّا سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ (٣)ثُمَّ كَلَّا سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ(٤) كَلَّا لَوۡ تَعۡلَمُوۡنَ عِلۡمَ الۡيَقِيۡنِ(٥) لَتَرَوُنَّ الۡجَحِيۡمَ(٦) ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيۡنَ الۡيَقِيۡنِ (٧) ثُمَّ لَتُسئلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ(٨)**

**سورة الهُمَزَة**

**بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ**

وَيْلٌ لِكُلِّ هُمَزَةٍ لُمَزَةٍ، (١) الَّذِي جَمَعَ مَالًا وَعَدَّدَهُ،(٢) يَحْسَبُ أَنَّ مَالَهُ أَخْلَدَهُ (٣)، كَلَّا ۖ
لَيُنْبَذَنَّ فِي الْحُطَمَةِ،(۴) وَمَا أَدْرَاكَ مَا الْحُطَمَةُ،(۵) نَارُ اللَّهِ الْمُوقَدَةُ،(۶) الَّتِي تَطَّلِعُ عَلَى
الْأَفْئِدَةِ،(٧) إِنَّهَا عَلَيْهِمْ مُؤْصَدَةٌ،(٨) فِي عَمَدٍ مُمَدَّدَةٍ(٩).

## آيۃ الكرسي

**بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ**

**اللَّهُ لاَ إِلَـهَ إِلاَّ هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّومُ لاَ تَأْخُذُهُ سِنَةٌ وَلاَ نَوْمٌ-لَهُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الأَرْضِ مَن ذَا الَّذِي يَشْفَعُ عِنْدَهُ إِلاَّ بِإِذْنِهِ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلاَ يُحِيطُونَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهِ إِلاَّ بِمَا شَآءَ**

**وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالأَرْضَ وَلاَ يَؤُودُهُ حِفْظُهُمَا وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيمُ (٢٥٥)**

**ترجمو:**

الله (اُهو آهي جو) اُن کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي، (اُهو سدائين) جيئرو (جهانن کي) بيهڪ ڏيندڙ آهي، ڪيس نڪي پنڪي ۽ نڪي ننڊ وٺندي آهي، جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) سندس (ملڪيت) آهي. ڪير آهي جو سندس موڪل ڌاران وٽس پارت ڪري سگهي؟ جيڪي اُنهن (مخلوقن) جي اڳيان آهي ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي سو (سڀ) ڄاڻندو آهي، ۽ جيڪي گهري تنهن کان سواءِ سندس علم مان ڪنهن ذري کي (اُهي) گهيرو ڪري نہ سگهندا آهن، سندس (بادشاهيءَ جي) ڪرسيءَ آسمانن ۽ زمين کي لپيٽيو آهي، ۽ اُنهن جي سنڀال ڪيس نہ ٿڪائيندي آهي، ۽ اُهو (سڀ کان) مٿاهون وڏي وڏائيءَ وارو آهي.

**شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ سرگرمي:** شاگردن ۽ شاگرديائڻين ۾ **سورة التكاثر** ۽ **آية الكرسيءَ** جي خوش خطيءَ ۽ قراءت جو مقابلو ڪرايو.

**مشق**

**.هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1. سبق ۾ ذڪر ڪيل ڏهن پارن مان ڪن بہ ٻن پارن جا نالا ٻڌايو.
2. سبق ۾ ڏنل حفظ وارين سورتن مان ڪنهن بہ هڪ سورت جو نالو ٻڌايو.
3. **لَہٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ** جو ترجمو ٻڌايو.

استادن لاءِ هدايتون:

1. قرآن پاڪ جا هي ڏهہ پارا ناظره تجويد سان پڙهايا وڃن.

2. شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تجويد يعني صحيح تلفظ، درست انداز ۽ قاعدن سان پڙهائڻ تي خاص ڌيان ڏنو وڃي.
3. شاگردن ۽ شاگردياڻين کي حفظ واريون چونڊ سورتون حفظ ۽ ترجمي واري آية الڪرسي ترجمي سان آية الڪرسي برزبان ياد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ هر هڪ شاگرد ۽ شاگرديائيءَ کان ياد ٻڌو وڃي
4. **شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سورة التڪاثر سورة الهمزه** ۽ آية الڪرسي ترجمي سان بورڊ تي لکي سمجهايو وڃي.

**.باب پيو: ايمانيات ۽ عبادتون**

***تعارف***

**لفظ ايمانيات** "ايمان" مان ورتل آهي، جنهن جو مطلب آهي: يقين رکڻ ۽ تابعدار ٿيڻ. ايمانيات مان مراد آهن، اهي عقيدا جن تي يقين رکڻ هڪ مسلمان لاءِ لازمي ۽ ضروري آهي. اسلامي تعليمات ۾ جن عقيدن تي يقين رکڻ ضروري آهي، اهي هي آهن: الله تعالىٰ، فرشتن، آسماني ڪتابن، سڀني رسولن، آخرت، تقدير ۽ مرڻ کان پوءِ ٻيهر زنده ٿيڻ تي يقين رکڻ (پوئين ڪلاس ۾ "ايمان مفصل" پڙهي چڪا آهيون). جيستائين ڪو شخص انهن عقيدن تي دل سان يقين نٿو رکي، انهن تي ايمان آڻڻ جو اقرار نٿو ڪري ۽ انهن کي نٿو مڃي يا ڪنهن هڪ جو به انڪار ٿو ڪري، ته ان کي مؤمن نٿو چئي سگهجي.

**عبادات** مان مراد آهي الله تعالىٰ جي بارگاهه ۾ پنهنجي عاجزي ۽ انڪساريءَ کي ظاهر ڪرڻ ۽ سندس هدايتن مطابق زندگي گذارڻ. اسلام جي ارڪان تي مڪمل ايمان رکڻ ۽ انهن کي صحيح طريقي سان ادا ڪرڻ. سماجي، معاشي، ۽ ٻين معاملن ۾ الله تعالىٰ جي هدايتن تي عمل ڪرڻ. ملڪي ۽ بين الاقوامي تعلقات کي الله تعالىٰ جي حڪمن مطابق ترتيب ڏيڻ به عبادتن ۾ شامل آهي.

**مقصد**

هن باب ۾ 'آخرت جي عقيدي' ۽ 'روزي' بابت جيڪي عنوان ڏنا ويا آهن، ان جو مقصد اهو آهي ته شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ذهنن ۾ آخرت جي سوچ ۽ الله تعالىٰ جي اڳيان پنهنجن عملن جي حساب ڏيڻ جو احساس پيدا ڪيو وڃي، جيئن انهن جي سيرت جي تعمير ٿي سگهي. اهڙيءَ طرح اهي اسلام جي اهم عبادت روزي جي اهميت ۽ فضيلت کان آگاهه ٿين، پنهنجي دنياوي زندگي الله تعالىٰ جي رضا موجب گذارڻ جي ڪوشش ڪري سگهن.

(الف) ايمانيات: آخرت جو عقيدو ۽ سيرت جي تعمير ۾ ان جو ڪردار

سکيا جي حاصلات:

1. آخرت جي عقيدي جي مفهوم، اهميت ۽ گهرجن کي سمجهي سگهن.
2. آخرت جي عقيدي کي سيرت جي تعمير جي حوالي سان سمجهي پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ اصلاح ڪري سگهن

**آخرت جي عقيدي جو مفهوم:**

لفظ عقيدو "عقد" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ڪنهن شيءِ کي ٻَڌڻ يا جوڙڻ. اصطلاح ۾ ڪنهن شيءِ کي سچ ڄاڻي دل ۾ مضبوط ۽ پڪو ڪري ونڻ جو نالو عقيدو آهي.

آخرت جو مطلب آهي: "پوءِ ٿيڻ واري" يا "آخري شيء." آخرت جي عقيدي جو اصطلاحي مفهوم هي آهي، تہ هر شخص کي موت کان پوءِ الله جي حڪم سان زنده ٿي، ان جي بارگاهہ ۾ پنهنجي عملن جو حساب ڏيڻو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اهو جزا يا سزا جو حقدار ٿيندو. ان زندگي جو نالو "اخروي زندگي" آهي، ۽ ان زندگيءَ تي ايمان آڻڻ جو نالو "ايمان بالآخرة" آهي. سورة القارِعَة ۾ ارشاد باري آهي:

**فَاَمَّا مَنْ ثَـقُلَتْ مَوَازِينُهٗ (6) فَهُوَ فِي عِيشَةٍ رَّاضِيَة (7) واَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِينُهٗ (8) فاُمُّهُ هَاوِيه (9) (سورة القارعہ آيت 6-9 )**

ترجمو: پوءِ جنهن جو پلڙو (نيڪ عملن جو) ڳورو هوندو، اهو دل پسند خوشين ۾ هوندو، ۽ جنهن جو پلڙو (نيڪ عملن جو) هلڪو هوندو، ان جو ٺڪاڻو اونهي کاهي هوندو.

قرآن مجيد ۾ آخرت جا چار مرحلا بيان ڪيا ويا آهن:

1.دنيا جو فنا ٿيڻ.2. انسانن ۽ جنن جو الله تعالىٰ جي حڪم سان ٻيهر زنده ٿيڻ. 3. حساب ڪتاب. 4. جزا ۽ سزا. يعني الله تعالىٰ جي حڪم سان هيءَ دنيا ۽ ان ۾ موجود سڀ مخلوق فنا ٿي ويندي، پوءِ هن جهان جي خاتمي کان پوءِ الله تعالىٰ ٻئي جهان ۾ سيني انسانن ۽ جنن کي، جيڪي پيدا ٿيڻ جي شروع کان وٺي قيامت جي ڏينهن تائين زمين تي پيدا ٿيا هئا، هڪ ئي وقت ۾ ٻيهر زنده ڪري انهن جي دنيا ۾ ڪيل عملن جو حساب وٺندو، ۽ هر ڪنهن کي انهن جي عملن مطابق بدلو ڏنو ويندو. يعني دنيا ۾ ڪيل نيڪين ۽ برائين جو وزن ڪيو ويندو، ۽ جنهن جي نيڪ عملن جو پلڙو وزني هوندو، ان کي انعام طور جنت ۾ داخل ڪيو ويندو، ۽ جنهن جي برن عملن جو پلڙو ڳرو هوندو، ان کي دوزخ ۾ داخل ڪيو ويندو.

**آخرت جي عقيدي جي اهميت:** اسلامي عقيدن مان هڪ اهم عقيدو آخرت تي ايمان آڻڻ آهي. توحيد ۽ رسالت سان گڏ آخرت جي عقيدي جي دعوت سڀني نبيين سڳورن ڏني آهي، ڇو ته دنيا ۾ انسان جي ڪيل سڀني عملن ۽ ان جي نتيجن جو حقيقي ۽ دائمي بنياد آخرت ئي آهي. فرمانِ الٰهي آهي:

**مَنْ كَانَ يُرِيدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِي حَرْثِهِ (سورة الشورى آيت 20)**

ترجمو: جيڪو آخرت جي پوک چاهي ٿو، اسان ان جي پوک وڌائيندا آهيون.

قرآن مجيد جي بيشمار آيتن ۾ هن عقيدي تي زور ڏنو ويو آهي. ۽ جيڪي ماڻهو هن عقيدي تي ايمان رکن ٿا، اهي حقيقي مومن ۽ متقي آهن. ارشادِ باري تعالىٰ آهي :وَبِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ترجمو: مومن/متقي ماڻهو آخرت تي يقين رکندا آهن.

**آخرت جي عقيدي جو سيرت جي تعمير ۾ ڪردار:** جڏهن مسلمان جي ذهن ۾ آخرت جو عقيدو پختو ٿي ويندو آهي، ۽ ان کي ان ڳالھ جو يقين ٿي ويندو آهي ته ان جا سڀ دنيا جا عمل، اعمال نامي ۾ محفوظ ڪيا ٿا وڃن ۽ انهن عملن جي نتيجي ۾ ان کي اخروي سعادت يا شقاوت ملي ٿي، ته پوءِ اهو اخروي سعادت ۽ فلاح حاصل ڪرڻ لاءِ نيڪ عملن ۾ جلدي ڪندو آهي، ۽ اخروي بدبختي ۽ سزا کان بچڻ لاءِ برائين کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

**بهادري ۽ شجاعت:** آخرت تي ايمان رکڻ وارو مومن ڊيڄو ۽ بزدل نه ٿيندو آهي، ڇو ته ان کي يقين هوندو آهي ته هن دنيا جي زندگي عارضي آهي ۽ هميشه واري زندگي آخرت جي زندگي آهي. تنهن ڪري اهو موت کان به نٿو ڊڄي، بلڪه هر نيڪ عمل ڪرڻ ۾ بهادري ۽ جرئت کان ڪم وٺي ٿو. حق ۽ انصاف لاءِ مخالفت ۽ دشمنيءَ کان نٿو ڊڄي، الله جي راه ۾ جهاد ڪرڻ ۽ شهيد ٿيڻ ۾ سعادت محسوس ڪري ٿو، ڇو ته ان کي اهو يقين آهي ته دنيا ۾ جيڪي به مشڪلاتون ۽ تڪليفون اچي رهيون آهن، ان جو بدلو آخرت ۾ ملندو.

**صبر ۽ تحمل:** آخرت تي ايمان رکڻ وارو مسلمان دنيا جي هر درد ۽ تڪليف کي صبر ۽ تحمل سان برداشت ڪري ٿو، ڇو ته ان کي يقين آهي ته الله تعالىٰ سڀني مشڪلاتن ۽ تڪليفن کي صبر سان برداشت ڪندڙن لاءِ وڏن انعامن جو وعدو ڪيو آهي. ارشادِ باري تعالىٰ آهي:

إنمَا يُوَفَّى الصَّابِرُون اجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ (سورة الزمر آيت 10) ترجمو: بيشڪ صبر ڪندڙن کي انهن جو اجر بي حساب ڏنو ويندو.

**سخاوت ۽ فياضي:** آخرت تي مضبوط ايمان رکڻ وارو مسلمان فطري طور تي سخي ۽ فياض هوندو آهي، ۽ پنهنجو مال الله جي راه ۾ ۽ ضرورت مند مسڪينن ۽ محتاجن تي خوشدليءَ سان خرچ ڪندو آهي، ڇو ته ان کي اها ڄاڻ هوندي آهي ته الله تعالىٰ مومنن کي خرچ ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون هدايتون ڏنيون آهن، ۽ آخرت ۾ ان جو بدلو وڌائي ڏيندو آهي.

**ذميداريءَ جو احساس:** آخرت جي عقيدي تي ايمان رکڻ وارو مسلمان پنهنجي ذميوارين کي دل جي شوق ۽ سچائيءَ سان نڀائيندو آهي، ڇو ته کيس ڄاڻ آهي ته قيامت جي ڏينهن ڪانئس انهن

عملن ۽ ذميواريءَ جو حساب ورتو ويندو، جيڪڏهن ان عمل ۾ ڪا غفلت ٿيندي، ته اها غفلت آخرت ۾ ان لاءِ نقصان جو سبب بڻجندي، ۽ جيڪڏهن ان ۾ سچائي ۽ اخلاص سان عمل ڪندو، ته ان کي انعام ۽ ثواب ملندو.

**شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ سرگرمي:**

1. شاگرد ۽ شاگرديائڻيون آخرت جي عقيدي جو مفهوم هڪ ٻئي کي ٻڌائين.
2. آخرت جي عقيدي بابت سبق ۾ ڏنل آيتن مان هڪ آيت ترجمي سان ياد ڪري استاد کي ٻڌائين.

**مشق**

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

(i) عقيدي جي لفظي معنيٰ ڇا آهي؟
(ii) آخرت جي عقيدي مان ڇا مراد آهي؟
(iii) آخرت جي عقيدي جي اهميت بابت ڪجھ ٻڌايو.
(iv) آخرت جو عقيدو انسان جي سيرت تي جيڪي اثرات مرتب ڪندو آهي، انهن مان ڪن ٻه ٻن جو بيان ڪيو.

**2.** هيٺيان خال پريو.

(I) قرآن مجيد ۾ آخرت جا _______ مرحلا بيان ڪيا ويا آهن.
(II) آخرت تي ايمان آڻڻ اسلامي عقيدن مان هڪ _______ عقيدو آهي.
(III) آخرت تي مضبوط يقين رکڻ وارو مسلمان فطري طور سخي ۽ _______ هوندو آهي.

3. صحيح جواب تي (√) جو نشان لڳايو.

(I) توحيد ۽ رسالت سان گڏ آخرت جي عقيدي جي دعوت ڏني آهي:

(الف) صرف حضرت محمد رسول الله خاتم النبين صلي الله عليه وسلم. (ب) صرف حضرت ابراهيم عليه السلام. (ج) صرف حضرت عيسي عليه السلام. (د) سيني نبين عليهم السلام.

(الف) صرف ڪافرن جو. (ب) صرف مسلمانن جو.(ج) صرف منافقن جو.(د) سيني انسانن جو.

(II) جن ماڻهن جا برا عمل گهڻا هوندا:

(الف) انهن کان حساب نه ورتو ويندو. (ب) انهن کي ٻيهر دنيا ۾ موڪليو ويندو. (ج) انهن کي جهنم ۾ وڌو ويندو. (د) انهن کي ماريو ويندو.

(III) جيڪي ماڻهو آخرت جي عقيدي تي ايمان آڻن ٿا، اهي آهن:

(الف) عقلمند. (ب) علماء. (ج) حقيقي مومن ۽ متقي. (د) عام ماڻهو.

4. **صحيح جملن جي سامهون (√) ۽ غلط جملن جي سامهون (×) لڳايو:**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. آخرت جو عقيدو اسلام جي بنيادي عقيدن مان ناهي.<br>2. جنهن ذري برابر بہ نيڪي ڪئي هوندي، اهو ان کي ڏسندو.<br>3. آخرت جي زندگي عارضي هوندي.<br>4. هر شخص کان پنهنجي ذميدارين بابت پڇاڻو ڪيو ويندو. | | |

5. **جملن کي درست ڪرڻ لاءِ صحيح لفظ جو انتخاب ڪريو.**

(الف) عقيدي جي لفظي معنيٰ آهي (پڪڙڻ/ٻڌڻ)

(ب) جن ماڻهن جي بخشش تي ويندي، اهي (ڪامياب/ناڪام) ٿيندا.

(ج) آخرت جو عقيدو انسان کي (سخي/لاپرواه) بڻائيندو آهي.

(د) آخرت جو عقيدو انسان ۾ (صبر ۽ تحمل/دنيا سان محبت) جو جذبو پيدا ڪندو آهي.

**استادن لاءِ هدايتون**

1. هيٺين عنوانن تي شاگردن/شاگردياڻين کان تفصيلي مضمون لکرايو:
   - قيامت جو مطلب.

**(ب) روزو: فضيلت ۽ معاشري تي اهميت**

**سکيا جي حاصلات:**

1. صوم (روزي) جو تعارف ۽ اهميت سمجهي سگهندا.
2. صوم (روزه) جي معاشرتي فائدن کي سمجهي انفرادي زندگي ۾ اختيار ڪري سگهندا.

**روزي جو مفهوم**" :صوم" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، ڪنهن قول يا ڪم کان رڪجڻ. اسلامي شريعت ۾ صوم (روزو) مان مراد آهي باک ڦٽڻ کان وٺي سج لهڻ تائين الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جي نيت سان کائڻ پيئڻ ۽ نفساني خواهشات کان رڪجڻ. سنڌيءَ ۾ صوم کي روزو چيو ويندو آهي.

**روزي جي اهميت ۽ فضيلت** :روزو اسلام جي ارڪان مان هڪ اهم رڪن ۽ عبادت آهي، جيڪو سنہ 2 هجريءَ ۾ فرض ڪيو ويو. رمضان مهيني ۾ روزو رکڻ هر عاقل ۽ بالغ مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آهي. روزو صرف حضرت محمد صلي الله عليہ وعليٰ آلہ واصحابہ وسلم جي امت تي نہ، پر ان کان اڳ ۾ جيتريون امتون گذريون آهن، انهن سڀني تي فرض هو.

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي" :﴿ **يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِينَ مِن قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ**﴾(سورة البقرة آيت 183)

ترجمو: مومنو! اوهان تي روزو فرض ڪيو ويو آهي، جيئن اوهان کان اڳين نبين جي امتن تي فرض ڪيو ويو هو، ان کان اميد آهي تہ اوهان ۾ تقويٰ پيدا ٿيندي.

روزي رکڻ جي فرضيت بابت ارشاد باري آهي" :فَمَنْ شَهِدَ مِنكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ" (سورة البقرة آيت 185)

ترجمو: جيڪو شخص هن مهيني کي لهي، ان تي ان مهيني جا روزا رکڻ لازم آهن.

عارضي طور تي روزو نہ رکڻ جي اجازت صرف بيمار، مسافر ۽ معذور ماڻهن کي ڏني وئي آهي. پر جيئن ئي بيماري، سفر يا معذوري ختم ٿيندي، تہ ڇڏيل روزا مڪمل ڪرڻ ضروري ٿيندا.

روزي جي فضيلت بيان ڪندي حضرت محمد صلي الله عليه وعلىٰ آله واصحابه وسلم جو ارشاد آهي :"جنهن ماڻهوءَ رمضان جا روزا ايمان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان رکيا، تہ ان جا پويان سڀ گناهہ معاف ڪيا ويندا." (حديث ۾ مبارڪ جو حوالو)

روزو هڪ اهڙي عبادت آهي جيڪا انسان ۾ الله تعالىٰ جي حاڪميت، ان جي اطاعت جو شعور ۽ پنهنجي عاجزي ۽ بندگي جو احساس پيدا ڪندي آهي. روزي جو اصل مقصد انسان جي خواهشن کي الله تعالىٰ جي احڪامن جو تابع ڪري ان ۾ تقويٰ جي صفت پيدا ڪرڻ آهي، ۽ تقويٰ الله تعالىٰ جي بندگي ۽ ان جي اطاعت جي ان شعور جو نالو آهي، جيڪو انسان کي نيڪين ڪرڻ تي آماده ڪري ٿو ۽ برائين کان روڪي ٿو.

جڏهن مؤمن ۾ بندگي ۽ اطاعت جو شعور پختو ٿي ويندو، تہ پوءِ روزو رکي پنهنجي جائز ضرورت يعني کائڻ پيئڻ کي ئي ناهي ڇڏڻو، پر عملي زندگيءَ ۾ هر ان شيءِ کي ڇڏڻو آهي جنهن کان الله تعالىٰ روڪيو آهي.

**روزي جا سماجي فائدا:** جيتوڻيڪ روزو هڪ انفرادي عمل آهي، پر جيئن نماز باجماعت پڙهڻ سان هڪ اجتماعي عمل بڻجي وڃي ٿي، تيئن روزو بہ هڪ مقرر مهيني ۾ رکڻ سان اجتماعي صورت اختيار ڪري ٿو، ۽ مهيني پر سالاني تربيت جي حيثيت سان هن عبادت جو هڪ خاص انداز پيدا ٿئي ٿو. ان لاءِ ان جا سماج تي ڪيترائي گهرا اثرات پون ٿا، جن مان ڪجهہ هي آهن:

**(الف) تقويٰ ۽ پاڪيزگي جو ماحول پيدا ٿيڻ** :رمضان ۾ جيئن تہ هر مسلمان روزو رکي ٿو ۽ ان سان گڏ نماز، تلاوت ۽ تراويح جو بہ خاص اهتمام ٿيندو آهي، جنهن ڪري سماج ۾ هڪ اهڙو نيڪيءَ جو ماحول پيدا ٿي ويندو آهي، جنهن ۾ نيڪيون وڌنديون رهنديون آهن ۽ برائيون قابو ۾ رهنديون آهن.

**(ب) همدردي ۽ غم خواري جو جذبو پيدا ٿيڻ** :رمضان ۾ چاڪاڻ تہ امير ۽ غريب تقريباً سڀ مسلمان روزا رکندا آهن، ان ڪري بک ۽ اڃ برداشت ڪرڻ سان اميرن جي دلين ۾ غريبن لاءِ همدردي ۽ غم خواري جو جذبو پيدا ٿيندو آهي، جيئن حضرت محمد صلي الله عليه وعلىٰ آله واصحابه وسلم جو ارشاد آهي" :رمضان جو مهينو همدرديءَ ۽ غم خواري جو مهينو آهي".

(ج) **انساني مساوات جو عملي مظاهرو** :روزو مساوات جي شعور کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿو. ان مهيني ۾ امير ۽ غريب، حاڪم ۽ محڪوم، بادشاهه ۽ فقير تقريباً سڀ مسلمان هڪ ئي حالت ۾ ڏينهن گذاريندا آهن. سڀني جي چهري تي الله تعالىٰ جي حاڪميت ۽ پنهنجي محڪوميت واضح نظر ايندي آهي. اها صورتحال سماج ۾ برابريءَ، مساوات ۽ باهمي انساني همدرديءَ جا جذبا پيدا ڪندي آهي ۽ سماج ۾ اوچ نيچ جي تصور کي ختم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي آهي.

**شاگرد ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي:**

- روزي ذريعي غريبن لاءِ همدردي ۽ مالياتي مدد جي حيثيت تي پاڻ ۾ بحث ڪريو.
- روزي جا جسماني صحت تي پوندڙ اثر هڪ ٻئي کي ٻڌايو.

## مشق

1. **هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

(I) روزي مان ڇا مراد آهي؟
(II) قرآن مجيد ۾ روزي جو مقصد ڇا ٻڌايو ويو آهي؟
(III) روزو ڪهڙن ماڻهن تي فرض آهي؟
(IV) روزي جي فضيلت بابت ۾ حديث ۾ ڇا آيو آهي؟
(V) روزي جي معاشرتي فائدن مان ڪي ٻه ٻه فائدا بيان ڪريو؟

2. **خالي جڳهيون پريو:**

(I) مومنو! اوهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن.
(II) روزو هر عاقل ۽ ............ مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آهي.
(III) حديث پاڪ ۾ آهي: رمضان جو مهينو .............. ۽ غم خواري جو مهينو آهي.
(IV) روزو مساوات ۽ ........... جو جذبو پيدا ڪري ٿو.

3. **جملن کي درست ڪرڻ لاءِ صحيح لفظ چونڊيو:**

الف. روزي لاءِ عربي ٻوليءَ ۾ (صوم/صبر) جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي.

ب. روزو (سنه 2 هجري/سنه 9 هجري) ۾ فرض ٿيو.

ج. حديث مطابق رمضان جا روزا رکڻ سان (اڳيان/پويان) سڀ گناه معاف ٿي ويندا.

د. روزي جو وقت (باک ڦٽيءَ /سج اڀرڻ) کان وٺي سج لٿي تائين ٿيندو آهي.

4. **درست جملن جي سامهون (√) ۽ غلط جملن جي سامهون (⊗) جو نشان لڳايو**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. روزو نا بالغ تي به فرض آهي. | | |
| 2. روزا شعبان جي مهيني ۾ فرض ڪيا ويا آهن. | | |
| 3. روزو سنہ 2 هجري ۾ فرض ٿيو. | | |
| 4. صوم فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي. | | |
| 5. روزو اڳين نبين جي امتن تي به فرض ڪيو ويو هو. | | |

**استادن لاءِ هدايتون:**

- روزي جي فضيلت بابت ڪلاس ۾ هڪ تقريري مقابلو ڪرايو.
- روزي جي سماجي اثرن تي مضمون لکڻ جو مقابلو ڪرايو.

## باب ٽيون: سيرت طيبه

### تعارف

"سيرت" لفظ جي معنيٰ آهي: طريقو، عادت، خصلت ۽ سوانح حيات. "طيبه" جي معنيٰ آهي: پاڪيزه، عمده، ۽ هر شيءِ جيڪا ظاهري ۽ باطني گندگيءَ کان پاڪ هجي ۽ فضائل سان سينگاريل هجي. "سيرت طيبه" مان مراد آهي پياري نبي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعليٰ آله واصحابه وسلم جي زندگي مبارڪ جو تفصيل، واقعا ۽ سندن زندگي جو اهو انداز جيڪو پاڻ صلي الله عليه وعليٰ آله واصحابه وسلم پنهنجي زندگيءَ ۾ اختيار فرمايو. حضور اڪرم صلي الله عليه وعليٰ آله واصحابه وسلم جي زندگي ۽ ان جو طرز عمل قرآن مجيد جو مڪمل عملي تفسير آهي، ان ڪري ان کي پڙهڻ، ان کي ڄاڻڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ هر مسلمان تي لازم آهي. قرآن مجيد ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُوْلِ اللهِ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ (سورة الاحزاب: 21)

ترجمو: بيشڪ رسول الله صلي الله عليہ وعليٰ آله واصحابہ وسلم جي زندگيءَ ۾ اوهان لاءِ بهترين نمونو آهي.
ٻي آيت ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:
ترجمو: " ۽ جيڪو اوهان کي پيغمبر ڏئي، اهو وٺو ۽ جنهن کان منع ڪري، ان کان رڪجي وڃو".
(سورة الحشر آيت:7).

سيرت طيبہ هڪ جامع ۽ وسيع موضوع آهي، جنهن ۾ ٻانهي ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ تعلق، ٻانهن جا باهمي رويا ۽ تعلقات، سياسي، سماجي ۽ معاشرتي ۽ اخلاقي حوالي سان هدايتون موجود آهن، جيڪي انسانيت لاءِ رهنمائيءَ جو ذريعو آهن، پر هن باب ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وعليٰ آله واصحابه وسلم جي سيرت طيبه جا ڪجھ اهم پهلو ڏنا ويا آهن، جيڪي انسان جي شخصيت جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، جيئن خُلق عظيم، عدل ۽ احسان، حسن معاشرت ۽ گهريلو زندگي.

### مقاصد

هن باب ۾ جيڪي عنوان ڏنا ويا آهن، انهن جو مقصد آهي تہ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ذهنن ۾ سيدنا حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وعليٰ آله واصحابه وسلم جي سيرت ۽ اسوه حسنه سان رغبت پيدا ڪئي وڃي ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وعليٰ آله واصحابه وسلم جي سيرت طيبه جي ڪجھ روشن پهلوئن کان کين آگاھ ڪيو وڃي، تہ جيئن اهي پنهنجي زندگيءَ ۾ ان تي عمل ڪري دنياوي ۽ اخروي سعادت حاصل ڪري سگهن.

## خُلق عظيم

### سکيا جي حاصلات:

1. خلق عظيم جو مفهوم ڄاڻي سگھندا.
2. سيرت النبي صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم مان خُلق عظيم جا چند مثال ڄاڻي سگھندا.
3. سيدنا رسول الله صلي الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي خُلق عظيم جي روشنيءَ ۾ پنھنجي نفس ۽ ڪردار جي اصلاح ڪري سگھندا

### خُلق عظيم جو مفھوم

”خُلُق“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنھن جي معنيٰ آهي: عادت ۽ ”عظيم“ جي معنيٰ آهي: بلند، ۽ مانائتو. اخلاق انسان جي زينت آهن. جيڪو شخص جيترو بلند اخلاق وارو ھوندو، سماج ۾ اوترو قابل قدر ۽ قابل اعتماد ھوندو ۽ ان جي ڳالھہ شوق سان ٻڌي ويندي ۽ ان جي پيروي ڪئي ويندي. دين جي دعوت ڏيڻ وارن لاءِ عمدا اخلاق رکڻ تمام ضروري آهن. اھو سبب آهي جو آخري پيغمبر حضرت محمد رسول الله صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم اخلاق جي اعلیٰ درجي تي فائز ھئا. اخلاق جي لحاظ سان ڪا بہ اھڙي خوبي ناھي جيڪا پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم ۾ موجود نہ ھجي. قرآن مجيد ۾ الله تعالیٰ فرمايو آهي:

وإنک لَعَلٰی خُلُقٍ عَظِيْمٍ (سورة القلم آيت: 4)

ترجمو: ۽ توھان يقيناً اخلاق جي اعلیٰ درجي تي آهيو.

ام المومنين حضرت سيده عائشه صديقه رضي الله عنھا، سيدنا رسول الله صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي اخلاق جي بھترين تعريف پنھنجي قول ۾ فرمائي:

كَانَ خُلْقُہُ الْقُرْآنَ" (صحيح مسلم)

ترجمه: قرآن پاڻ سڳورن صلي الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم جو اخلاق ھو.

ان جي معني آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم جن دنيا ۾ صرف قرآن جي تعليم پيش نہ ڪئي ھئي، پر پاڻ صلي الله عليہ و علي آلہ واصحابہ وسلم ان تي عمل بہ ڪري ڏيکاريو، جنھن شيء کان قرآن ۾ روڪيو ويو ھو، پاڻ صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جن سڀ کان وڌيڪ ان کان پاسو ڪيو، جن اخلاقي صفتن کي قرآن فضيلت ڏني، سڀ کان وڌيڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم انھن سان موصوف ٿيا ۽ جن ڳالھين کي قرآن ۾ نا پسند ڪيو ويو، سڀ کان وڌيڪ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم انھن کان پاڪ رھيا.

**حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم جي اعلي اخلاق جا ڪجھ نمونا:**

**رحمت ۽ شفقت:** الله تعالىٰ حضرت محمد صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم کي سڀني جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو ۽ فرمايو:

۽ اسان توهان کي سڀني جهانن لاءِ صرف رحمت ڪري موڪليو آهي." (سورة الانبياء آيت: 107)

اهڙيءَ طرح ٻنهي جهانن جا سردار صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم شفقت ۽ رحمت جا پيڪر هئا، پاڻ صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم سڀني انسانن جا خير خواهہ ۽ رحمت جي ڇانو هئا، ڪڏهن بہ ڪنهن کان ذاتي انتقام نہ ورتائون.

**غير مسلمن تي رحمت ۽ شفقت:** غير مسلمن تي نبي ڪريم صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جن جي رحمت ۽ شفقت هن طرح هئي، تہ ڪانئن انتقام نہ ورتائون. مڪي جي مشرڪن پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلىٰ آلہ و اصحابہ وسلم کي نہ رڳو تڪليفون ڏنيون، بلڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلىٰ آلہ و اصحابہ وسلم کي پنهنجو وطن ڇڏڻ تي مجبور ڪيائون، ان جي باوجود پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلىٰ آلہ واصحابہ وسلم مڪي جي مشرڪن سان رواداري ۽ حُسنِ اخلاق جو مظاهرو ڪيو. مڪي ۾ ڏڪر پيو، تہ پاڻ صلي الله عليہ وعلىٰ آلہ واصحابہ وسلم جن مالي مدد ڪئي. طائف وارن ڪين ايذايو، تڏهن بہ پاڻ صلي الله عليہ وعلىٰ وآلہ واصحابہ وسلم جن انهن لاءِ دعا فرمائي.

**عورتن تي شفقت ۽ رحمت:** حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلىٰ آلہ واصحابہ وسلم جي بعثت کان اڳ عرب معاشري ۾ ڇوڪرين جي پيدا ٿيڻ کي ذلت سمجهيو ويندو هو، نياڻين کي زنده پوريو ويندو هو. اهڙيءَ طرح سڀني معاشرن ۾ عورت سڀ کان وڌيڪ مظلوم طبقي ۾ شامل هئي. ڪمزور ۽ گهٽ سمجهي ويندي هئي. ان سان هر قسم جو غير انساني سلوڪ ڪيو ويندو هو. نبي اڪرم صلي الله عليہ وعلىٰ وآلہ واصحابہ وسلم عورت کي معاشري ۾ باوقار مقام عطا فرمايو. ان جا حق ايترا مقرر ڪياؤن، جن جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. حجة الوداع جي خطبي ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلىٰ وآلہ واصحابہ وسلم عورتن جي حقن جي پاسداري ۽ ساڻن همدرديءَ واري سلوڪ جو تاڪيد ڪندي فرمايو. انسانو! عورتن جي باري ۾ منهنجي وصيت قبول ڪريو، اهي اوهان جي ڪفالت هيٺ آهن. اوهان انهن کي الله جي عهد تي رفاقت ۾ ورتو آهي. اهي نازڪ ۽ پاڪ دامن آهن. سندن حقن جي حفاظت ڪريو ۽ انهن تي ڪنهن بہ قسم جي نا انصافي ۽ زيادتي نہ ڪريو.

**ٻارن تي شفقت ۽ رحمت:** ٻنهي جهانن جا سردار صلي الله عليہ وعلىٰ آلہ واصحابہ وسلم ٻارن تي تمام گهڻو شفيق رهندا هئا، انهن سان محبت ڪندا هئا، انهن جي مٿي تي شفقت جوهٿ رکندا هئا، انهن سان پيار ڪندا هئا. ڪائڻ لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ڏيندا هئا.. ڪڏهن انهن کي پاڻ سان سواريءَ تي ويهاريندا هئا. انهن جي حق ۾خير جي دعا ڪندا هئا. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وعلىٰ آلہ واصحابہ وسلم ٻارن سان خوش طبعي بہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وعلىٰ آلہ و اصحابہ

وسلم ٻارن تي رحمت ۽ شفقت ڪرڻ جوتاڪيد بہ ڪندا هئا. فرمايائون: جيڪو ننڍن تي رحم نٿو ڪري، اسان مان ناهي.

**جانورن تي رحمت:** حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلیٰ آلہ واصحابہ وسلم جي رحمت ۽ شفقت صرف انسانن تائين ئي محدود نہ هئي بلڪ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وعلیٰ آلہ واصحابہ وسلم جانورن ۽ پکين سان بہ رحمت ۽ شفقت جو معاملو فرمائيندا هئا. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آلہ واصحابہ وسلم جن جانورن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ کان روڪيو. ماڻهو تماشي طور ڪنهن جانور کي ٻڌي، انهن تي نشاني بازي ڪندا هئا، جنهن کان پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آلہ واصحابہ وسلم جن منع فرمايو. جانورن کي مارڻ، انهن کي بکيو، اجيو رکڻ ۽ انهن تي سهپ کان مٿي وزن رکڻ کان منع فرمايو. هڪ ڀيري پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وعلیٰ آلہ واصحابہ وسلم هڪ انصاريءَ جي باغ ۾ تشريف فرما ٿيا، جتي هڪ اٺ بک کان رڙي رهيو هو، پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آلہ واصحابہ وسلم نهايت شفقت سان سندس پٺيءَ تي هٿ ڦيرايو ۽ سندس مالڪ کي چيو: هن جانور جي باري ۾ اوهان الله کان نٿا ڊڄو؟

**معاف ڪرڻ ۽ درگذرڪرڻ:** معاف ڪرڻ ۽ سيرت طيبه جا نمايان ۽ روشن پهلو آهن. معاف ڪرڻ ۽ درگذر ڪرڻ جو ان کان وڌو مثال ٻيو ڪهڙو ٿيندو مڪي جي ڪافرن جڏهن، جن نبي صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم ۽ سندن صحابه مٿان ظلم جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا هئا، طرح طرح جون اذيتون ڏنيون هيون، پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم فتح مڪي وقت ڪين معاف ۽ درگذر ڪري ڇڏيو، جنهن جو تاريخ ۾ مثال نٿو ملي.

**شاگردن ۽ شاگرداڻين لاءِ سرگرمي:**

شاگرد ۽ شاگرداڻيون ڪلاس ۾"خلق عظيم" جو مفهوم هڪ ٻئي کي ٻڌائن.
نبي ڪريم صلي الله عليہ وعلیٰ آلہ واصحابہ وسلم جي ٻارن تي ٻاجھ ۽ شفقت جا ڪي بہ ٻہ واقعا تلاش ڪري ٻڌايو.

**مشق**

1. هيٺين **سوالن جا جواب ڏيو.**
   i. قرآن مجيد ۾ خلق عظيم جي صفت ڪنهن جي باري ۾ بيان ڪئي وئي آهي؟
   ii. حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي رحمت ۽ شفقت مان ڪير ڪير لاڀائتو ٿيو؟ ڪن بہ ٻن جو ذڪر ڪريو.
   iii. الله تعالیٰ حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم کي ڪنهن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو؟
2. هيٺيان **خال ڀريو.**
   i. خلق عظيم بلند ۽ __________ اخلاق آهي.

ii. حجة الوداع جي موقعي تي حضرت محمد رسول الله خاتم النبين صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم چيو: "انسانو! عورتن جي باري ۾ منهنجي ____________ قبول ڪريو".

iii. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم ٻارن تي ____________ ۽ شفقت ڪرڻ جو تاڪيد ڪندا هئا.

iv. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم فتح مڪه جي وقت تي ____________ ۽ درگذر ڪري ڇڏيو.

v. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم جانورن ۽ پکين سان بہ رحمت ۽ ____________ جو معاملو فرمائيندا هئا.

3. **صحيح جواب تي(√)جو نشان لڳايو.**

i. حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم کي رحمت بڻائي موڪليو ويو :

**الف)** جانورن لاءِ (ب) انسانن لاءِ (ج) جنن لاءِ (د) سيني جهانن لاءِ

ii. هڪ دفعي رسول الله صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم جي هڪ باغ ۾ تشريف کڻي آيا:

(الف) انصاري جو (ب) يهودي جو (ج) بدوي جو (د) مشرڪ جو

iii. ماڻهو تماشي طور ڪنهن کي ٻڌي انهن تي نشاني بازي ڪندا هئا: اهي هئا.

(الف) پکي (ب) غلام(ج) جانور (د) دشمن

4. **ڪالم-1 جا لفظ ڪالم-2 جي مناسب لفظن سان ملايو ۽ جملن کي مڪمل ڪريو.**

| **ڪالم**.1 | **ڪالم** .2 |
|---|---|
| i. سيدنا رسول الله صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم عورت کي | i. جيڪا حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم ۾ نہ هجي |
| ii. حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم | ii. باوقار مقام ڏنو. |
| iii. اخلاقي لحاظ سان ڪا اهڙي خوبي نہ هئي | iii. جانورن کي هڪ ٻئي سان ويڙهائڻ کان روڪيو. |

**استادن لاءِ هدايتون:**

. حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي خلق عظيم بابت شاگردن ۾ شاگردياڻين ۾ هڪ تقريري مقابلو ڪرايو.

. رحمت ۽ شفقت سان لاڳاپيل ڪجهہ وڏيڪ آيتون ۽ حديثون" لکي چارٽ ڪلاس روم لڳايو.

## 5. عدل ۽ احسان

سکيا جي حاصلات:

1. عدل ۽ احسان جو مفهوم ۽ فضيلت ڄاڻي سگھندا.
2. حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم جي عدل ۽ احسان بابت ڄاڻ حاصل ڪري سماج ۾ عدل ۽ احسان قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري سگھندا.

**عدل جو مفهوم:**عدل عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنىٰ آهي برابري ۽ انصاف. عدل مان مراد هي آهي تہ ماڻهوءَ کي ان جو واجب حق ڏنو وڃي ۽ مٿس واجب حق ڪانئس ورتو وڃي. عدل هيءَ بہ آهي تہ جيڪو شخص ڪنهن سان ڀلائي ڪري، ان سان ايتري ئي ڀلائي ڪئي وڃي، ۽ جيڪو شخص ڪنهن سان بُرائي ڪري، ان کي اوترو ئي بدلو ڏنو وڃي. اهڙيءَ طرح هر ڪم مناسب وقت تي ڪرڻ ۽ هر شيءِ کي مناسب جاءِ تي رکڻ بہ عدل آهي.

**احسان جو مفهوم:**احسان جي لفظي معنىٰ آهي، سٺو ورتاءُ، ڪنهن کي ان جي حق کان وڌيڪ ڏيڻ. احسان جو مطلب آهي، تہ نيڪيءَ جي بدلي ۾ وڌيڪ نيڪي ڪئي وڃي ۽ بُرائيءَ جي بدلي ۾ بہ نيڪي ڪئي وڃي. احسان اهو بہ آهي، تہ ماڻهو پنهنجي حق کان ڪجهہ گهٽ تي راضي ٿي وڃي، تہ ڪنهن ڪم کي خوبصورت ۽ بهتر طريقي سان انجام ڏنو وڃي، يعني هر ڪم ۾ حسن ۽ خوبصورتي پيدا ڪئي وڃي.

**عدل ۽ احسان جي فضيلت ۽ اهميت:** عدل کي سماجي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. جيڪڏهن دنيا ۾ عدل قائم نہ ٿئي تہ فرد ۽ سماج فساد جو شڪار ٿي وڃن ٿا. ان ڪري عدل جو حڪم ڏيندي الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو:

**اِعْدِلُوْا هُوَ اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى (المائده آيت: 8)**

**ترجمو** :انصاف ڪريو، اهو پرهيزگاريءَ جي وڌيڪ ويجهو آهي.

ٻي جاءِ تي عدل سان گڏ احسان جي باري ۾ الله تعالىٰ جو ارشاد آهي:

**اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَ الْاِحْسَانِ (سورة النحل آيت: 90)**

**ترجمو** :بيشڪ الله تعالىٰ توهان کي انصاف ۽ احسان ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو.

هن آيت ۾ الله تعالىٰ هڪ بهترين سماج جي تڪميل لاءِ، انساني زندگيءَ جي هر شعبي ۾ عدل جو حڪم ڏنو آهي، ان کان پوءِ احسان جو تاڪيد ڪيو آهي. انفرادي طور تي هر مسلمان جي قول ۽ عمل سان گڏ سماجي، معاشي، سياسي ۽ عمراني زندگيءَ ۾ عدل ۽ انصاف جو قائم ٿيڻ ضروري آهي، ڇو تہ انهن ٻنهي صفتن سان سماج ۾ امن ۽ سک جو ماحول قائم ٿئي ٿو. انهن جي نہ ٿيڻ سبب سماج ۾ حق تلفيءَ جي ڪري خرابي ۽ ڏڦيڙ پيدا ٿئي ٿو.

**حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جو عدل ۽ احسان:**

سرور ڪائنات حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم عدل ۽ احسان جي اعلیٰ مقام تي فائز هئا. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم معاملن ۾ عدل ۽ انصاف ۽ احسان جا شاندار مثال قائم ڪيا. سيرت ۽ حديث جي ڪتابن ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي عدل ۽ انصاف جا بي شمار واقعا آيل آهن. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم هر هڪ سان، حق ۽ انصاف وارو رويو رکندا هئا. نہ ڪنهن کان انتقام ورتائون ۽ نہ ئي مخالفن کي حد کان وڌيڪ سزا ڏنائون. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي عدالت ۾ دوست، دشمن، طاقتور يا ڪمزور ۾ ڪو فرق نہ هو. ۽ ان جو پنهنجي امت کي بہ هميشہ تاڪيد ڪندا رهيا. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم فرمايو: پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي ڪوتاهين کي معاف ڪندا ڪريو.

**عدل ۽ انصاف جون مختلف صورتون:** اسلام اسان کي اها تعليم ڏئي ٿو تہ معاشري جي هر فرد کي ان جا اخلاقي، سماجي، قانوني، ۽ سياسي حق ايمانداريءَ سان ادا ڪيا وڃن.ماڻهن سان چڱو ورتاءُ، خوش اخلاقي، ۽ نرميءَ وارو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي.هڪ ٻئي جو لحاظ رکندي ٻين کي سندن حق کان وڌيڪ ڏيڻ ۽ پاڻ پنهنجي حق کان ڪجهہ گهٽ تي راضي رهڻ،معاف ڪرڻ ۽ بردباري اختيار ڪندي پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ جهيڙا ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ،جيڪڏهن ڪو شخص ڏوهہ ڪري يا سخت زيادتي ڪري، تہ پاڻ ان سان نہ وڙهڻ، بلڪ ان کي عدالت ۽ قانون جي حوالي ڪرڻ، تہ جيئن ظالم کي سندس ڏوهہ جي سزا ملي، جنهن سان ان جو سڌارو ٿئي ۽ معاشرو بہ سندس زيادتين کان محفوظ رهي.

**شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ سرگرمي:**

- عدل ۽ احسان جو مطلب هڪ ٻئي کي سمجهائين.

**مشق**

**1. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو.**

i. عدل مان ڇا مراد آهي؟
ii. احسان مان ڇا مراد آهي؟
iii. عدل ۽ احسان بابت ڪنهن هڪ آيت جو مفهوم بيان ڪريو.
iv. احسان بابت حضور اڪرم ﷺ جو طرز عمل بيان ڪريو.

**2. خالي جايون پريو.**

i. سرور ڪائنات حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم عدل ۽ احسان جي ........ مقام تي فائز هئا.
ii. معاشرن ۾ حق تلفين جي ڪري .......... ۽ انتشار پيدا ٿئي ٿو.
iii. حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم فرمايو: پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي ....... کي معاف ڪري ڇڏيو.

**3. صحيح جواب تي (√) جو نشان لڳايو.**

i. اِعْدِلُوْا هُوَ اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰی" (المائده آيت- 8) ۾ حڪم آهي:

(الف) نماز جو (ب) صبر جو (ج) شڪر جو (د) عدل جو

ii.عدل لفظ آهي:

(الف) عربي ٻوليءَ جو (ب) فارسي ٻوليءَ جو (ج) اردو ٻوليءَ جو (د) سنڌي ٻوليءَ جو

iii. عدل جي معني آهي

(الف) انصاف (ب) صبر ۽ تحمل (ج) احسان (د) عفو ۽ درگذر

iv. برائيءَ جي بدلي ڀلائي ڪرڻ کي سڏجي ٿو:

(الف) عدل . (ب) احسان . (ج) عفو ۽ درگذر . (د) مساوات چوندا .

**4. درست جملي جي سامهون (√) ۽ غلط جملي جي سامهون⊗ لڳايو.**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1 حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي عدالت ۾ پنهنجي ۽ پرائي، مسلمان ۽ غير مسلمان، طاقتور ۽ ڪمزور ۾ ڪو فرق نہ هوندو هو. | | |
| 2 . هر ڪم ۾ حسن ۽ خوبصورتي پيدا ڪرڻ بہ عدل سڏجي ٿو. | | |
| 3 . الله تعالیٰ اوهان کي احسان جو حڪم ڏئي ٿو. | | |

6. **ڪالم-1 جا لفظ ڪالم-2 جي مناسب لفظن سان ملايو ۽ جملن کي مڪمل ڪريو.**

| | |
|---|---|
| i. عدل جي لفظي معنیٰ آهن | اهو ئي پرهيزگاريءَجي وڌيڪ ويجهو آهي. |
| ii. احسان مان مراد آهي | معاف ڪندا ڪريو |
| iii. انصاف ڪيو ڇاڪاڻ تہ | برابري، انصاف. |
| iv. هڪ ٻئي جي ڪوتاهين کي | ٻين کي سندن حق کان وڌيڪ ڏيڻ. |

**استادن لاءِ هدايتون**

- استادن کي گهرجي، تہ شاگردن جي سامهون عدل ۽ احسان بابت وڌيڪ واقعا بهتر نموني سان پيش ڪن، تہ جيئن انهن جي ذهنن ۾ عدل ۽ احسان جو مفهوم واضح ٿئي.
- هيٺ ڏنل موضوعن تي شاگردن کان مختصر مضمون لکرايو:
  - عدل ۽ احسان سان معاشري ۾ توازن، امن ۽ پائيداري جي وضاحت.

**حسن معاشرت**

سکيا جي حاصلات:

1. حسن معاشرت جو مفهوم ۽ ان جون گهرجون ڄاڻي سگهندا.
2. نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ واصحابہ وسلم جي حسن معاشرت جا چند مثال ڄاڻي سگهندا.

**حسن معاشرت جو مفهوم**: اسلام انسان جي اجتماعي ۽ معاشرتي زندگيءَ کي فائديمند ۽ آسان بڻائڻ لاءِ حق ۽ فرض مقرر ڪيا آهن. انهن حقن ۽ فرضن ۾ نہ رڳو والدين، رشتيدار ۽ دوست شامل آهن، پر ان ۾ محلي، وطن ۽ قوم جا ماڻهو، ايستائين جو حيوان ۽ نباتات بہ شامل آهن. حسن معاشرت هيءَ بہ آهي، تہ هر شخص کي ان جو حق ڏنو وڃي. پنهنجي پوري ماحول ۽ ان جي فردن سان سٺا تعلقات قائم ڪجن، انهن سان سٺو سلوڪ ڪجي، وڏن جو ادب ڪجي ۽ ٻارن تي شفقت ڪجي، هر انسان سان خير خواهانہ رويو اختيار ڪجي.

**حسن معاشرت جي اهميت**: قرآن ۽ حديث ۾ حسن معاشرت تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. الله تعالىٰ عبادت ۽ بندگيءَ سان گڏ والدين، رشتيدارن، يتيمن، مسڪينن، ويجهن ۽ پري جي پاڙيسرين، ساٿين، مسافرن ۽ پنهنجي ماتحتن سان چڱي ورتاءَ جو حڪم ڏنو آهي.

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين ﷺ جن فرمايو: "جيڪو توهان سان تعلق ٽوڙڻ چاهي، توهان ان سان تعلق جوڙيو، جيڪو توهان تي زيادتي ڪري، توهان ان کي معاف ڪريو، ۽ جيڪو توهان سان برائي ڪري، توهان ان سان چڱائي ڪريو". پاڻ سڳورن ﷺ اهو بہ فرمايو آهي: " توهان ڪنهن کي سڃاڻو ٿا يا نٿا سڃاڻو، ان کي سلام ڪريو".

**حسن معاشرت جا مختلف پهلو**: حسن معاشرت جي سلسلي ۾ اسلام هي هدايتون ڏنيون آهن، تہ والدين، استادن ۽ بزرگن جو احترام ڪيو، دوستن سان محبت ۽ مروت سان پيش اچو، ننڍن تي شفقت ڪيو، قانون جو احترام ڪيو، پاڙيسرين جو خيال رکو، عورتن جو احترام ڪيو. جيڪڏهن انهن کي مدد جي ضرورت هجي، تہ مدد ڪرڻ کان نہ ڪيٻايو. پنهنجي سيني ڀائرن جي مدد، خيرخواهي ۽ غمخواري ڪيو. انهن عملن ۽ روين کان پاسو ڪيو، جيڪي اجتماعي زندگيءَ ۾ فساد جو سبب بڻجن ٿا، ۽ ماڻهن جا تعلقات خراب ڪن ٿا، جن جي سببان پاڻ ۾ تعلقات خراب ٿيندا آهن. انهن ۾ هڪ ٻئي مٿان چٽر ڪرڻ، هڪ ٻئي کي طعنا ڏيڻ. ٻين جي حالتن جي جاسوسي ڪرڻ ۽ پر پٺ انهن جون برايون ڪرڻ شامل آهن. هي اهي عمل آهن، جيڪي پنهنجي جاءِ تي گناهہ بہ آهن ۽ گڏوگڏ سماج ۾ ڏڦيڙ جو سبب بنجن ٿا.
حسن معاشرت جي سلسلي ۾ هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هي اسان جي اڄ جي دور جي معاشرتي ضرورتن مان تمام گهڻي اهميت رکن ٿيون.

1. گنديون ۽ بيڪار شيون گهٽين ۽ رستن تي نہ اڇلايو، بلڪہ انهن کي مقرر جڳهن تي اڇلايو.
2. ريڊيو، ٽي وي يا لائوڊ اسپيڪر بلند آواز سان نہ هلايو، جنهن سان ٻين جي آرام ۾ رخنو پيدا ٿئي.

3. گھٽين ۾ رستن تي اهڙا ڪم نہ ڪريو، جيڪي راهگيرن کي تڪليف ڏين، گهرن کي نقصان پهچائن يا ڪنهن کي زخمي ڪري وجهن.
4. ماڻهن جو احترام ڪريو ۽ انهن سان خوش اخلاقيءَ سان پيش اچو.
5. بس، ويگن ۽ ريل گاڏي ۾ معذورن، بيمارن، بزرگن ۽ عورتن جو خيال رکو.

**حسن معاشرت ۽ سيرت طيبہ:** حضور اڪرم ﷺ پنهنجي مائٽن، رشتيدارن، دوستن، پاڙيسرين، ننڍن ۽ وڏن سان تمام سٺو ورتاءُ ڪندا هئا. انهن جي مالي ۽ اخلاقي هر طرح جي مدد ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو بيمار ٿي پوندو هو، تہ پاڻ سڳورا ﷺ بغير فرق جي ان جي عيادت لاءِ ويندا هئا. يهودين جي مخالفت هر ڪنهن کي معلوم آهي، پر ان باوجود، پاڻ سڳورن ﷺ يهودين سان بہ ڏيتي ليتي ۽ حسن سلوڪ جاري رکيو. جيڪڏهن ڪو اڻ وڻندڙ شخص بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ ايندو هو، تہ پاڻ سڳورا ﷺ ان سان بہ خوش اخلاقيءَ ۽ خنده پيشانيءَ سان پيش ايندا هئا، ۽ پنهنجي ناپسنديدگيءَ جو احساس نہ ڏياريندا هئا.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي:**

**شاگرد ۽ شاگردياڻيون حضور اڪرم ﷺ جي سيرت طيبہ جي روشني ۾، گهر، اسڪول ۽ محلي ۾ حسن معاشرت جون صورتون لکن.**

**مشق**

**هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو**

i. حسن معاشرت مان ڇا مراد آهي؟
ii. حسن معاشرت جون ڪي بہ ہہ صورتون لکو.
iii. حسن معاشرت بابت حضور اڪرم ﷺ جي ڪا حديث ٻڌايو.

**2.. خالي جايون ڀريو.**

i. جيڪو توهان تي زيادتي ڪري، توهان ان کي ............... ڪري ڇڏيو.
ii. دوستن سان محبت ۽ .......... سان پيش اچو.

**3.. صحيح جواب تي (√) جو نشان لڳايو.**

i. ٻين جي حقن ۽ فرضن جو خيال رکندي زندگي گذارڻ جو نالو آهي:
(الف) حسن معاشرت (ب) صداقت (ج) مساوات (د) عدل
ii. سبق جي حديث ۾ آهي: توهان ڪنهن کي ڄاڻو يا نہ ڄاڻو، ان کي:
(الف) سٺو سمجهو (ب) سلام ڪيو (ج) برو ڀلو نہ چئو (د) دعا ڏيو
iii. حسن معاشرت جي حوالي سان اسلام اسان کي هيءَ بہ هدايت ڏني آهي تہ:

(الف) ڪنهن تي چٽر نہ ڪيو (ب) لاپرواهيءَ سان زندگي گذاريو(ج) خوامخواه بدگماني ڪيو (د) صرف پنهنجن ئي مفادن تي نظر رکو.

4. **ڪالم-1 جي لفظن کي ڪالم-2 جي مناسب لفظن سان ملايو ۽ جملا مڪمل ڪريو.**

| **ڪالم. 1** | **ڪالم. 2** |
|---|---|
| 1.هر شخص جو سندس مقام ۽ مرتبي مطابق | جيڪي سماج ۾ فساد ۽ ڏڦيڙ جو سبب بڻجن. |
| 2.انهن عملن ۽ روين کان پاسو ڪيو وجي | احترام ڪيو وجي |
| 3.پنهنجي سماج جي سيني ماڻهن سان | هر ماڻهوءَ کي ان جو حق ڏنو وڃي. |
| 4.حسن معاشرت جو مطلب آهي: | حسن سلوڪ سان پيش اچو |

5 . **صحيح جملن جي سامهون (√) ۽ غلط جملن جي سامهون (X) جو نشان لڳايو.**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. حسن معاشرت جو مطلب آهي دنيا کان ڪناره ڪش ٿيڻ. | | |
| 2. حسن معاشرت هيءَ آهي تہ سيني ماڻهن جي حقن ۽ فرضن جو خيال رکجي. | | |
| 3. حسن معاشرت اها آهي، تہ ريڊيو، ٽي وي ۽ لائوڊ اسپيڪر وڏي آواز سان هلايو وڃي | | |
| 4. اسلام اها هدايت ڏني آهي، تہ والدين ۽ استاد جو احترام ڪيو وڃي. | | |

**استادن لاءِ هدايتون:**

1. شاگردن/شاگرديائين جي سامهون حسن معاشرت بابت بزرگن جا ڪجهہ مثال پيش ڪريو.
2. هيٺين عنوانن تي شاگردن کان مختصر مضمون لکرايو:

- حسن معاشرت جا فائدا ۽ نتيجا.

## باب چوٿون: اخلاق ۽ آداب

### تعارف

**اخلاق**" : اخلاق مان مراد انسان جون اهي عادتون ۽ خصلتون، رويا ۽ طريقيڪار آهن، جن مطابق هو زندگي گذاري ٿو. جيڪڏهن انسان جون اهي عادتون ۽ رويا سنا آهن، ته انهن کي "سنا گڻ" چيو ويندو آهي، ۽ جيڪڏهن اهي خراب آهن، ته انهن کي "او گڻ" چيو ويندو آهي.

**آداب**" : آداب مان مراد آهي ته هر ڪم تهذيب، شائستگيءَ، سليقي، خوبصورت طريقي ۽ سگهڙائپ سان ڪيو وڃي. تنهنڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته سنين وصفن کي اپنائڻ "اخلاق" آهي ۽ انهن وصفن کي مهذب، خوبصورت ۽ دلڪش طريقي سان پيش ڪرڻ "آداب" آهي. مثال: سلام ڪرڻ اخلاق حسنه آهي ۽ ان جي ادائيگي ۽ موقعي کي ملحوظ رکڻ ادب آهي. ادب سان جيڪو ڪم ڪيو وڃي ٿو، اهو وڌيڪ اثرائتو ثابت ٿئي ٿو ۽ ان کي مڃتا ملي ٿي، جيئن چيو ويندو آهي: با ادب با نصيب، بي ادب بي نصيب.

اسلام، چاڪاڻ ته، پنهنجي مڃڻ وارن کي بااخلاق ۽ با ادب ڏسڻ چاهي ٿو، ان ڪري اهو سنن اخلاقن کي اپنائڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ خراب عادتن کان روڪي ٿو. الله تعالىٰ پنهنجي آخري نبي حضرت محمد ﷺ کي اخلاق جي بلند درجي تي فائز فرمايو. ۽ پاڻ سڳورا وعلىٰ آله واصحابه وسلم چاهي ٿا ته سندن ﷺ امتي به اعليٰ اخلاق کي اپنائين، چاڪاڻ ته اخلاق کي نبي اڪرم ﷺ سان ويجهڙائي جو ذريعو قرار ڏنو ويو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو آهي: "يقيناً توهان مان مون کي وڌيڪ پيارو ۽ قيامت جي ڏينهن منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو، جيڪو سهڻي اخلاق جو مالڪ هوندو".

هن باب ۾ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر، حلال روزگار، ڪاروبار ۾ ايمانداري، نظم ۽ ضبط توڙي قانون جي احترام جا سبق شامل آهن.

### مقاصد

هن باب ۾ شامل سبقن جي مطالعي کان پوءِ شاگرد نه رڳو دنياوي زندگيءَ جي معاملن ۾ اخلاقن ۽ ادبن کان چڱيءَ ريت واقف ٿي ويندا، پر مثبت روين کي عملي زندگيءَ ۾ اپنائي سنا مسلمان ۽ سنا شهري بڻجڻ جي ڪوشش ڪندا، جنهن سان سماج ۾ امن ۽ سڪون وارو ماحول قائم ٿي سگهندو ۽ اهي الله جي ويجهڙائي وارا پسنديده بندا بڻجي سگهندا.

### 3. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر

سکيا جي حاصلات:

1. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو مفهوم ۽ ان جي اهميت ڄاڻي سگهندا.
2. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر کي پنهنجي زندگيءَ جي عمل ۾ آڻي سگهندا

**امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو مفهوم:**

امر جي لفظي معنيٰ آهي: حڪم ۽ فرمان، نهي جي لفظي معنيٰ آهي: روڪڻ ۽ منع ڪرڻ. ”معروف“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ڀلائي ۽ احسان، شريعت ۾ ان جي معنيٰ آهي: هر اهو عمل، جنهن جي چڱائي يا برائي عقل ۽ دين وٽ ثابت هجي. منڪر به عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي: برائي، بري ڳالھ ۽ برو ڪم. منڪر جو جمع منڪرات آهي. شريعت ۾ ان جي معني آهي: هر اها ڳالھ ۽ عمل ، جنهن کي عقل برو ۽ اڻ وڻندڙ سمجهي، امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر مان مراد آهي، نيڪيءَ جي ڪم جو حڪم ڏيڻ ۽ برائيءَ جي ڪم کان روڪڻ.

**امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي اهميت:** دنيا کي امن وارو بڻائڻ لاءِ الله تعالىٰ شروع کان وٺي خاص بندوبست ڪيو آهي، ماڻهن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ لاءِ نبين سڳورن کي موڪليو، جن عقيدن سان گڏوگڏ حسن معاشرت جا اصول به ٻڌايا ۽ انهن اصولن کي عملي طور تي نافذ ڪري ڏيکاريو. جيئن ته حضرت محمد وعلىٰ آله واصحابه وسلم سڀ دنيا جا نبي ۽ پيغمبر آهن، ان ڪري پاڻ سڳورن وعلىٰ آله واصحابه وسلم صحيح عقيدن سان گڏ معاشري جي بهتر قيام لاءِ پڻ ڪوششون ڪيون ۽ امت کي تاڪيد ڪيو. ته معاشري ۾ امن، محبت، سڪون، عدل ۽ احسان، رواداري ۽ همدرديءَ وارا رويا ۽ ڪم عام هجن، ۽ معاشري ۾ اهڙا عمل پيدا نه ٿين، جيڪي فساد، ڏڦيڙ ۽ انتشار پيدا ڪن.اسلام انسانن جي روين ۽ عملن کي ٻن قسمن ۾ ذڪر ڪيو آهي. هڪ "معروف" ۽ ٻيو "منڪر". معروف عملن ۾ عدل، احسان، حق، سچائي، پائيچارو، امن ۽ سلامتي ۽ ٻيون اخلاقي فضيلتون شامل آهن. ٻيا اهي عمل جن کي "منڪر" چيو ويو آهي، ڪجھ نمايان "منڪر" عمل هي آهن: ڪفر، شرڪ، قتل، ڌاڙو، ڌوڪيبازي، بدعهدي، نافرماني، وڏائي، خود غرضي، قبضاگيري، چتي خوري، رشوت، ٻين جو حق مارڻ، ماپ تور ۾ گهٽتائي ۽ ملاوٽ، يتيم جو مال کائڻ وغيره. منڪر عملن ۾ سڀ کان وڏو درجو فحاشيءَ جو آهي، جنهن جو اطلاق سڀني بيهوده ۽ شرمناڪ ڪمن تي ٿيندو آهي.

قرآن مجيد ان قسم جي عملن کان نه صرف سختيءَ سان روڪيو آهي، پر انهن کي وڏن گناهن ۾ ڳڻيو آهي ۽ هر ان عمل کان پڻ روڪيو آهي، جيڪو انسان کي بي حيائيءَ ڏانهن وٺي وڃي چو ته فحاشيءَ ۽ بي حيائي پکيڙڻ سماج کي تباھ ڪرڻ برابر آهي، ۽ ان سان دنيا توڙي آخرت ۾ عذاب جي ڌمڪي آهي الله تعالىٰ جو فرمان آهي: جيڪي ماڻهو گهرن ٿا، ته ايمان وارن ۾ فحاشي پکڙجي، اهي دنيا ۽ آخرت ۾ ڏکوئيندڙ سزا جا مستحق آهن، الله ڄاڻي ٿو اوهان نٿا ڄاڻو.“ (سورة النور آيت: 19)

تنهنڪري معاشري جي رابطي وارن ذريعن کي انهن حدن ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي جيڪي قرآن ۽ سنت ۾ مقرر ڪيون ويون آهن. ان ڪري، ابلاغ جي آزادي جي نالي بي حيائيءَ ۽ بد اخلاقيءَ کي نه ڦهلائڻ گهرجي. الله تعالىٰ جو حڪم آهي: "الله تعالىٰ عدل، احسان، ۽ صلہ رحمي جو حڪم ڏئي ٿو ۽ فواحش (بدڪاري، بي حيائيءَ) ظلم ۽ زيادتي کان منع ڪري ٿو، ۽ هو توهان کي نصيحت ڪري ٿو ته توهان سبق حاصل ڪريو." (سورة النحل آيت 90)

نبين سڳورن جي پيغام ۽ مشن کي ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ عالم سڳورا به ذمہ دار آهن.
ان سان گڏوگڏ الله تعالىٰ ڀلائيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ جو حڪم ڏئي، پوري امت کي خير امت جو لقب ڏيندي فرمايو: "توهان سڀني امتن مان بهترين امت آهيو، جنهن کي انسانن جي هدايت ۽ اصلاح لاءِ ميدان ۾ آندو ويو آهي. توهان نيڪي جو حڪم ڏيندا آهيو، برائيءَ کان روڪيندا آهيو ۽ الله تي ايمان رکندا آهيو." (سورة آل عمران آيت-110)
يعني مسلم امت جي هر فرد کي پنهنجي وس آهر اهو فرض سرانجام ڏيڻ ضروري آهي. اهڙيءَ طرح امت جو عام مزاج معروف اختيار ڪرڻ ۽ منڪر کان بچڻ وارو بڻجي ويندو.
رسول الله صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم جن پڻ هن فرض کي انجام ڏيڻ جو تاڪيد فرمايو آهي ۽ ان کي صدقو قرار ڏنو آهي. پاڻ فرمايائون:
**"امرٌ بِالْمَعْرُوفِ صَدَقَةٌ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنکر صَدَقَةٌ"**

ترجمو: نيڪي جو حڪم ڏيڻ صدقو آهي ۽ برائي کان روڪڻ صدقو آهي.

انهن آيتن ۽ حديثن مان ثابت ٿئي ٿو، ته نيڪيءَ کي رواج ڏيڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ هر مسلمان جو انفرادي طور تي فرض آهي ۽ اسلامي رياست جو پڻ فرض آهي، ته پنهنجي سمورن وسيلن کي استعمال ڪندي سماج ۾ چڱن ڪمن کي فروغ ڏئي ۽ براين جو رستو روڪي.

**امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر تي عمل ڪرڻ جا اصول ۽ شرط:**

1.**با عمل هجڻ** :امر بالمعروف و نهي عن المنڪر جو فرض ادا ڪرڻ وارن لاءِ ضروري آهي ته هو پاڻ معروف تي عمل ڪن ۽ منڪرات کان بچن، ڇو ته جيڪڏهن هو پاڻ ان تي عمل نہ ڪندا، ته انهن جو پيغام اثرانداز نہ ٿيندو ۽ دعوت بي اثر ٿي ويندي.

2.**حڪمت ۽ سٺي نصيحت ذريعي دعوت ڏيڻ** : قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ فرمايو آهي: "پنهنجي رب جي رستي ڏانهن دعوت ڏيو، حڪمت ۽ سٺي نصيحت سان، ۽ ماڻهن سان اهڙي طريقي سان مباحثو ڪريو جيڪو بهترين هجي." (سورة النحل آيت-125)

ان جو مطلب آهي ته سامهون واري جي ذهنيت، موقعي ۽ محل کي ڏسي ڳالهه ڪجي، جيئن هو ڳالهه ٻڌڻ لاءِ مڪمل طور تي آماده ٿي وڃي، اهڙي طريقي سان ڳالهه ڪجي جنهن ۾ خير خواهي شامل هجي مناظري بازي، فضول بحث، الزام بازي ۽ چٽر بازي نہ هجي، ته جيئن ان کي نصيحت لاءِ رغبت ۽ شوق پيدا ٿئي.

3.**امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو فرض وت وس آهر ادا ڪرڻ**: رسول الله صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم جو فرمان آهي: "توهان مان جيڪو شخص برائي ٿيندي ڏسي، ان کي گهرجي ته هو پنهنجي هٿ سان ان کي روڪي، جيڪڏهن هٿ سان نہ روڪي سگهي ته زبان سان روڪي، جيڪڏهن زبان سان بہ نہ روڪي سگهي ته ان برائيءَ کي دل ۾ بڇڙو سمجهي، هي ايمان جو گهٽ ۾ گهٽ درجو آهي". عالم سڳورا هن حديث جي تشريح ۾ ٻڌائن ٿا ته برائي کي هٿ سان، يعني طاقت سان روڪڻ حڪمرانن جي ذميواري آهي، زبان يعني وعظ ۽ نصيحت ذريعي علما جي ذميواري آهي، ۽ جيڪو عام مسلمان آهي، جنهن وٽ طاقت ناهي، ان لاءِ برائيءَ کي بڇڙو سمجهي

ان کان نفرت ڪرڻ ضروري آهي. جڏهن ان ۾ نفرت پيدا ٿيندي، تہ هو برائيءَ کان پري رهندو، ۽ اهڙيءَ طرح برائيون ان معاشري مان پاڙمرادو ختم ٿي وينديون.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي:**

1. **امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو مقصد ۽ ان جا طريقا هڪ ٻئي کي سمجهايو:**
   - شاگردن ۽ شاگردياڻين کي امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي مقصدن ۽ طريقن تي تفصيل سان پاڻ ۾ ڳالهائڻ لاءِ چئو.
2. **شاگرد ۽ شاگردياڻيون سماجي برائين کي ظاهر ڪن ۽ انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ تجويزون پيش ڪن ۽ مباحثو ڪن:**
   - شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سماجي برائن جهڙوڪ: ڪوڙ، بدعنواني، فحاشي وغيره جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ۽ هڪ مباحثو منعقد ڪيو، جنهن ۾ شاگرد ۽ شاگردياڻيون پنهنجا خيال ۽ تجويزون پيش ڪن ۽ هڪ ٻئي کان سکڻ جو موقعو حاصل ڪن.

**مشق**

(1) **هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو.**

i. امر ۽ نهيءَ جي لفظي معني ڇا آهي؟.
ii. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر مان ڇا مراد آهي؟
iii. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي اصول ۽ شرطن مان ڪي بہ ٻہ اصول بيان ڪريو.
iv. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي اهميت بيان ڪريو.

(2) **صحيح جواب تي (√) جو نشان لڳايو.**

i. سيني امتن ۾ توهان سيني کان بهترين امت آهيو، ان لاءِ تہ توهان:
(الف) نماز پڙهندا آهيو (ب) سٺو سلوڪ ڪندا آهيو (ج) صدقو ۽ خيرات ڪندا آهيو (د) نيڪيءَ جو حڪم ڏيندا آهيو ۽ برائيءَ کان روڪيندا آهيو

ii. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو فرض:
(الف) وت وس آهر ادا ڪرڻ گهرجي (ب) سختيءَ سان ادا ڪرڻ گهرجي (ج) ماڻهن کان منهن موڙي خاموش رهڻ گهرجي (د) صرف حڪمرانن کي ادا ڪرڻ گهرجي

iii. برائي کي هٿ سان روڪڻ جو ڪم آهي :
(الف) عالمن جو (ب) حڪمرانن جو (ج) عام ماڻهن جو (د) تبليغ ۽ وعظ ڪرڻ وارن جو

iv. امر بالمعروف جو مطلب آهي :
(الف) روزو رکڻ (ب) علم جو درس ڏيڻ (ج) حج جي ترغيب ڏيڻ (د) نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ

(3) **خالي جايون پريو..**

1. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو ڪم حڪمت ۽ ____________ سان ادا ڪيو وڃي.
2. رسول الله صلي الله عليہ وآله و اصحابه وسلم پڻ ان فرض انجام ڏيڻ جو ____________ فرمايو آهي.
3. جيڪڏهن ڪو برائي کي زبان سان روڪي نٿو سگهي ته ان کي پنهنجي دل ۾ برو سمجهي ۽ هي ____________ جو ادني درجو آهي.

**درست جملن جي اڳيان (√)اور غلط جملن جي اڳيان (χ) جو نشان لڳايو.**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1.امر بامعروف صدقو آهي. | | |
| 2. انسان پاڻ حق تي قائم رهي، ٻين کي حق جي دعوت ڏيڻ ضروري ناهي. | | |
| 3.امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي ڪم ۾ تمام گهڻي سختي ڪرڻ گهرجي. | | |
| 4. امت جي اجتماعي ذميواري آهي ته اها امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو فرض پورو ڪري. | | |

4. **هيٺيان خال ڀريو.**

1. ماڻهن سان انهن جي سمجهه مطابق.____________
2. الله تعاليٰ سڄي امت کي ____________ جو لقب ڏنو آهي.
3. جيڪي ماڻهو امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو ڪم ڪندا، اهي ئي ____________ حاصل ڪندا.
4. جيڪڏهن برائي کي هٿ سان نہ روڪي سگهو، ته.____________
5. حديث ۾ آهي: نيڪي جو حڪم ڏيڻ صدقو آهي ۽ برائي کان روڪڻ پڻ ____________ آهي.

5. **استادن لاءِ هدايت:**

شاگردن ۽ شاگردياڻين جي آڏو امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي سلسلي ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم ۽ انهن جي صحابن جا عملي نمونا ڪجهه وڌيڪ مثالن سان بيان ڪريو، جيئن اهي ان جي افاديت کان مڪمل طور آگاهه ٿي سگهن.

6. **هيٺين عنوانن تي شاگردن ۽ شاگرديائڻين کان مختصر مضمون لکرايو:**

- امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو فرض ادا ڪرڻ جا فائدا.
- امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو فرض ادا نہ ڪرڻ جا نقصان.

1. **ڪسب حلال**

**سکيا جي حاصلات**
هن سبق کي پڙهڻ کان پوءِ، شاگرد ۽ شاگرديائون هن قابل ٿي ويندیون، تہ اهي:

- مفهوم ڄاڻي سگھندا ۽ ان جي اهميت ۽ صورتن کان آگاهہ ٿي سگھندا.
- حلال ۽ حرام جو فرق سمجھي حلال اپنائي سگھندا ۽ حرام کان بچي سگھندا.

2. **کسب حلال جو مفهوم:**

اسلام معاشي ۽ اقتصادي معاملن لاءِ باقاعده لاءِ واضح، برابريءَ ۽ فائدي وارا اصول ۽ معيار مقرر ڪيا آهن. انفرادي ملڪيت لاءِ ڪسب معاش جا ذريعا، طريقا ۽ ضابطا مقرر ڪيا آهن. الله تعالىٰ جو فرمان آهي:

**يَا أَيُّهَا النَّاسُ كُلُوا مِمَّا فِي الارْضِ حَلالًا طَيِّبًا وَلا تَتَّبِعُوا خُطُوَاتِ الشَّيْطَانِ انه لکم عَدُوٌّ مُبِينٌ**
)سورة البقره آيت: -168)

حلال جي معنىٰ آهي: اها جائز ۽ حلال ڪمائي جيڪا انهن ذريعن ۽ طريقن سان حاصل ڪئي وڃي، جن کي شريعت درست قرار ڏنو آهي. انهن ۾ امانت ۽ ديانت سان تجارت، زراعت، صنعت ۽ هنر، مزدوري ۽ ملازمت، حلال جانورن جو شڪار ڪرڻ وغيره شامل آهن.

ڪسب حلال لاءِ قرآن ۽ سنت ۾ تمام گھڻو تاڪيد ڪيو ويو آهي.حلال ۽ جائز طريقن سان روزگار حاصل ڪرڻ واري سان الله تعالىٰ راضي ٿئي ٿو ۽ ان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ وڏو انعام رکيو ويو آهي. قرآن ۽ سنت حرام طريقن سان روزگار حاصل ڪرڻ کان منع ڪيو آهي ۽ اهڙي شخص جي سخت مذمت ڪئي آهي جيڪو حرام طريقا اختيار ڪري ٿو. ڪجھ حرام طريقا آهن: چوري، ڌاڙو، وياج، رشوت، ڏوڪي بازي، جوا، سٽي بازي، قبضي گيري، مال ۾ ملاوٽ، ماپ تور ۾ گھٽتائي، ذخيره اندوزي، ڪوڙا قسم کڻي مال وڪڻڻ وغيره.

حرام ڪمائڻ واري لاءِ قرآن ۽ سنت ۾ سخت مذمت ڪئي وئي آهي ۽ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ "الله جل شانه اهڙي شخص کان ناراض ٿئي ٿو، ۽ ان کي جنت کان محروم ڪيو ويندو". حرام کائڻ واري جون دعائون ۽ عبادتون قبول نٿيون ٿين

**ترجمو:** اي انسانو! جيڪو ڪجھ زمين ۾ حلال ۽ صاف آهي، اهو کائو، ۽ شيطان جي رستن تي نہ هلو، ڇو تہ اهو توهان جو چٽو دشمن آهي.

عام طور تي اسانجي سماج ۾ ڪجھ اهڙا غلط طريقا رائج آهن، جن کي اسان ظاهر ۾ معمولي سمجھندا آهيون پر حقيقت ۾ قرآن ۽ سنت انهن کي وڏو گناهہ قرار ڏنو آهي. مثال طور تي وياج جي حوالي سان قرآن مجيد ۾ آهي تہ جيڪو شخص وياج جو ڪاروبار ڪندو آهي ان جي خلاف الله ۽ سندس رسول طرفان اعلان جنگ آهي. (سورة البقرة آيت- 279)

ماپ تور ۾ گهٽتائيءَ کي بہ اسان گهڻ سمجهندا آهيون، پر قرآن مجيد ۾ واضع انداز ۾ آيو آهي، تہ انهن ماڻهن لاءِ تباهي ۽ بربادي آهي، جيڪي ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪن ٿا. الله تعاليٰ فرمايو آهي: "تباهي آهي ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪندڙن لاءِ، جن جو حال اهو آهي تہ ماڻهن کان جيڪو مال وٺن ٿا، سو پورو وٺن ٿا ۽ جڏهن انهن کي ماپي يا توري ڏين ٿا، تہ گهٽائي ٿا ڏين." (سورة **المطففين آيت** -1-3)

حضرت شعيب عليہ السلام جي قوم تي جنهن جرم سبب عذاب نازل ٿيو، سو اهو ئي هو جو انهن ۾ ماپ تور ۾ گهٽتائي ۽ ملاوٽ جو مرض عام طور تي پکڙيل هو.

رشوت وٺڻ ۽ ڏيڻ وارن بابت رسول الله صلي الله عليہ وعليٰ آله واصحابه وسلم فرمايو: "رشوت ڏيڻ وارو ۽ وٺڻ وارو ٻئي دوزخي آهن". ڪنهن جي پلاٽ يا زمين تي قبضو ڪرڻ وارن بابت رسول الله صلي الله عليہ وعليٰ آله واصحابه وسلم فرمايو: "جنهن ماڻهو ڪنهن ٻئي شخص جي گرانٺ برابر زمين تي قبضو ڪيو، تہ قيامت جي ڏينهن اهو ٽڪرو ان لاءِ دوزخ جو سبب بڻجندو".

حرام طريقن سان مال ڪمائڻ وارن جي دعا بہ قبول نہ ٿيندي آهي. حديث شريف ۾ آهي: " جنهن شخص جو کاڌو کائڻ پيئڻ، لباس ۽ مڪمل خوراڪ حرام طريقن سان ٿي آهي (چاهي اهو ڪيترو بہ نيڪ نمازي هجي) ان جي دعا قبول نہ ٿيندي". هڪ صحابي رضي الله عنه رسول الله صلي الله عليہ وعليٰ آله واصحابه وسلم کان پڇيو: "اي الله جا رسول! اسان کي ڪو اهڙو عمل ٻڌايو جو اسان جون دعائون قبول ٿين" تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعليٰ آله واصحابه وسلم فرمايو: "پنهنجي خوراڪ کي پاڪ ۽ حلال بڻايو، توهان جون دعائون قبول ٿي وينديون". اهڙيءَ طرح حرام ڪمائي مان صدقو ۽ خيرات بہ قبول نہ ٿي ٿئي. رسول الله صلي الله عليہ وعليٰ آله واصحابه وسلم فرمايو آهي:

"الله جل شانه خود پاڪ آهي ۽ پاڪ شيون ئي قبول ڪندو آهي".

**ڪسب حلال جو قرآن ۽ سنت ۾ تاڪيد** :الله تعاليٰ هر زماني ۾ مختلف قومن ۽ مختلف علائقن ۾ موڪليل نبين کي خطاب ڪندي فرمايو:

**يٰاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَ اعْمَلُوْا صَالِحًا-اِنِّي بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ** )سورة المومنون آيت-51)
"اي رسولو! پاڪ شيون کائو ۽ صالح عمل ڪيو، جيڪي توهان ڪيو ٿا، آءٌ خوب ڄاڻان ٿو."

هن آيت ۾ جيتوڻيڪ پيغمبرن کي خطاب ڪيو ويو آهي، پر حڪم انهن جي امت کي بہ آهي. جنهن ڪري، اسان کي ڪيترن ئي نبين عليهم السلام جي باري ۾ معلوم آهي، تہ اهي محنت ڪري رزق حاصل ڪندا هئا ۽ پنهنجي امت کي پڻ حلال رزق حاصل ڪرڻ جي تاڪيد ڪندا هئا. حضرت نوح عليہ السلام ڪاٺ جو ڪم ڪندا هئا، حضرت موسي عليہ السلام مزدوري ڪندي ٻڪريون چاري گذر سفر ڪندا هئا، حضرت داؤد عليہ السلام بادشاهت هوندي بہ زرهون ٺاهي وڪڻندا هئا، جڏهن تہ اسان جي نبي سڳورن حضرت محمد صلي الله عليہ وعليٰ آله واصحابه وسلم بہ ٻڪريون چاريون ۽ تجارت بہ ڪيائون.

رسول الله صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم رزق حلال حاصل ڪرڻ کي فرض قرار ڏنو آهي. فرمايو اٿن:

**طَلَبُ كسْبِ الْحَلاَلِ فَرِيضَةٌ بَعْدَ الْفَرِيضَةِ (بيهتي، شعب الايمان)**

**حلال ڪمائي جي تلاش فرض (عبادتن) کان پوءِ اهم فرض آهي.**

ٻي حديث ۾ آهي، پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم فرمايو: ايماندار ۽ سچو واپاري قيامت جي ڏينهن نبين، صديقن ۽ شهيدن سان گڏ اٿندو.

تنهن ڪري تہ جيڪو شخص ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان محنت ڪري رزق حلال حاصل ڪري ٿو، الله تعالیٰ جي نظر ۾ اهو پسنديده ۽ عزت وارو شخص آهي اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي ڪم ۾ حرام طريقن کان پرهيز ڪري، حلال ۽ جائز طريقا اختيار ڪريون. اهڙي طرز عمل سان اسان دنيا ۾ سڪون سان زندگي گذاري سگهنداسين ۽ معاشرو پڻ امن جو گهوارو بڻجي ويندو ۽ آخرت ۾ الله جي حضور ۾ سرخرو ٿينداسين ۽ جنت جا حقدار بڻجي سگهنداسين.

**شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي:**

1.ڪسب حلال جي موضوع تي هڪ مختصر مضمون تحرير ڪري پنهنجي استاد / استادياڻيءَ کي ڏيکاريو.

1. ڪسب حلال جي فائدن جي فهرست / نڪتا ٺاهي استاد کي ڏيکاريو.

**مشق**

(1) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

i. ڪسب حلال جو مفهوم ٻڌايو.
ii. آمدنيءَ جا حلال ذريعا بيان ڪريو.
iii. آمدني جي ناجائز ذريعن مان ڪي ٽي ذريعا ڄاڻايو.
iv. ڪسب حلال جي اهميت بابت ڪنهن آيت يا حديث جو مفهوم بيان ڪريو.

(2) **صحيح جواب تي (√) جو نشان لڳايو.**

i. حلال ڪمائيءَ جي تلاش فرض عبادت کان پوءِ:

(الف) فرض آهي (ب) سنت آهي (ج) ثواب آهي (د) جائز آهي

ii. حضرت نوح عليہ السلام:

(الف) تاجر هئا (ب) هاري هئا (ج) لوهار هئا (د) واڍا هئا

iii. حضرت دائود عليہ السلام:

(الف) زرهون ٺاهيندا هئا (ب) ٻڪريون چاريندا هئا (ج) واپار ڪندا هئا (د) پوک ڪندا هئا

**3.هيٺيان خال ڀريو.**

1. جيڪڏهن ڪو شخص حرام ذريعو اختيار ڪندو تہ ظاهر آهي ان جو .......... ٻين انسانن کي ٿيندو.
2. پنهنجو ڪاڏو حلال بڻايو تہ توهان جي هر ...... قبول ٿيندي.
3. سيني انبياء عليهم السلام پنهنجي قول ۽ عمل ذريعي .......... جي تعليم ڏني ۽ تاڪيد ڪيو.
4. ڪسب جي لفظي معنيٰ .......... آهي.
5. **درست جملن جي سامهون (√) ۽ غلط جملن جي سامهون (×) جو نشان لڳايو.**

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ڪسب حلال تي پلجڻ وارو اولاد نيڪ ۽ صالح هوندو آهي. | | |
| 2. حلال آمدنيءَ جي ذريعن مان هڪ چوري بہ آهي. | | |
| 3. حلال رزق ڪائڻ واري جي دعا قبول ٿيندي آهي. | | |
| 4. حلال آمدني حاصل ڪرڻ واري کي الله تعالیٰ جي خوشنودي نصيب ٿيندي آهي. | | |

6. **ڪالم-1 جا لفظ ڪالم-2 جي مناسب لفظن سان ملايو ۽ جملن کي مڪمل ڪريو.**

| ڪالم. 1 | ڪالم .2 |
|---|---|
| 1.حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم | تلوارون ۽ زرهون ٺاهيندا هئا. |
| 2.حصرت نوح عليہ السلام | ٻڪريون چاريندا هئا، |
| 3.حضرت موسیٰ عليہ السلام | واڍڪو ڪم ڪندا هئا. |
| 4.حضرت داود عليہ السلام | تجارت ڪندا هئا. |

**استادن لاءِ هدايتون:**

شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ ڪلاس ۾ ڪسب حلال تي تقرير جي مقابلي جو انتظام ڪيو.

•هيٺ ڏنل عنوانن تي شاگردن ۽ شاگردياڻين کان مختصر مضمون لکرايو:

- آمدنيءَ جي جائز ذريعن مان ڇا مراد آهي؟
- آمدنيءَ جي جائز ذريعن جون برڪتون.

3. **نظم و ضبط ۽ قانون جو احترام:**

**سکيا جي حاصلات:**

1. شاگرد نظم ۽ ضبط ۽ قانون جي احترام جي مفهوم ۽ اهميت کي سمجهي سگهندا.
2. روزاني زندگيءَ ۾ نظم ۽ ضبط ۽ قانون جي احترام تي عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا.

**نظم ۽ ضبط جو مفهوم:** نظم ضبط مان مراد آهي قانون ۽ قاعدن جي پابندي ڪرڻ. فطرت جي اصولن مطابق نہ ئي ڪو فرد نظم ضبط جي پابنديءَ کانسواءِ ڪامياب ۽ ڪامران ٿي سگهي ٿو ۽ نہ ئي ڪا قوم. اها قوم ڪامياب ٿي سگهي ٿي جيڪا نظم ۽ ضبط جي پابندي ڪري. ڪائنات جو سڄو نظام نظم ضبط سان هلي ٿو ۽ اسان کي نظم ۽ ضبط جو درس ڏئي رهيو آهي. قران مجيد ۾ الله تعالىٰ جو ارشاد آهي:

**وَالشَّمْسُ تَجْرِي لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ذَلِکَ تَقْدِيرُ الْعَزِيزِ الْعَلِيمِ (38) وَالْقَمَرَ قَدَّرْنَاهُ مَنَازِلَ حَتَّى عَادكَالْعُرْجُونِ الْقَدِيمِ (39) لا الشَّمْسُ يَنْبَغِي لَهَآاَنْ تُدْرِکَ الْقَمَرَ وَلا اللَّيْلُ سَابِقُ النَّهَارِ وكُلٌّ فِي فَلَکٍ يَّسْبَحُونَ (40) (يسٓ آيت 38-40)**

**ترجمو:** ۽ سج پنهنجي مقرر رستي تي هلندو رهي ٿو. اهو غالب، دانا جو اندازو آهي. ۽ چنڊ جون بہ اسان منزلون مقرر ڪيون آهن، ايستائين جو اهو کجيءَ جي پراڻي شاخ وانگر ٿي وڃي ٿو. نہ سج کي ڄڳائي تہ چنڊ کي پهچي، ۽ نہ رات ڏينهن کان اڳ اچي سگهي ٿي. ۽ سڀ پنهنجن پنهنجن دائرن ۾ ترن ٿا.

ڪائنات جو هي نظام اسان کي نظم ۽ ضبط جي اهميت ٻڌائي رهيو آهي ۽ اها سمجهاڻي ڏئي رهيو آهي تہ ڪنهن بہ نظام کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ لاءِ نظم ۽ ضبط ضروري آهي.

اهڙيءَ طرح اسلام جو عبادتي نظام بہ اسان کي نظم ۽ ضبط جو درس ڏئي ٿو. مقرر ڪيل وقتن ۾ نمازن جي ادائيگي، رمضان جي خاص مهيني ۾ روزن جي فرضيت، مقرر وقت تي سحري ۽ افطاري ۽ مقرر وقت تي حج جي ادائيگي، اهي سڀ شيون اسان کي نظم ۽ ضبط جو پابند بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون ۽ اسان جي سماجي زندگيءَ کي متوازن بڻائين ٿيون.

**نظم ۽ ضبط جي اهميت:**

هڪ ذمہ دار شهري ۽ خاص ڪري شاگرد لاءِ نظم ۽ ضبط جو خيال رکڻ انتهائي اهم آهي. تنهن ڪري ضروري آهي تہ ان جي سيني ڪمن جو وقت مقرر هجي. وقت تي سمهڻ، وقت تي جاڳڻ، وقت تي اسڪول پهچڻ، وقت تي ڪم ڪرڻ، وقت تي کيڏڻ، پوءِ اسڪول ۾ رهندي اسڪول جي قانونن جي پابندي ڪرڻ. يونيفارم، ڪلاس جي ڪمري ۽ اسڪول جي صفائي جو خيال ڪرڻ، ڪلاس ۾ شور ۽ گوڙ کان پرهيز، تعليم تي ڌيان، استاد جي حڪمن جي تعميل، لائبريري ۾ خاموشي سان مطالعو ڪرڻ وغيره، اهو سڀ نظم ۽ ضبط جي دائري ۾ اچي ٿو.

اهڙي طرح هر فرد تي لازم آهي ته هو پنهنجي دائري ۾ نظم ۽ ضبط جو خيال رکي. ڪيس گهر ۾ رهندي گهر جي اصولن ۽ قانونن جي پابندي ڪرڻ گهرجي ۽ باهرئين ماحول کي صاف سترو رکڻ، رش وارن هنڌن تي بين کي ڌڪ ڪان بچڻ، قطار ۾ بيهڻ، دفتري اوقات ۽ پنهنجي فرضن جي ادائيگيءَ جو خيال رکڻ، ٽريفڪ جا قانون ياد رکڻ ۽ يوٽيلٽي بل وقت تي ادا ڪرڻ وغيره، اهي سڀ شيون نظم ۽ ضبط جو حصو آهن. جيڪڏهن اسان انفرادي طور تي نظم ۽ ضبط جو مظاهرو ڪندا سين ته گڏيل نظم ۽ ضبط پيدا ٿيندو، ڇو ته انفرادي نظم ۽ ضبط ئي گڏيل نظم ۽ ضبط کي جنم ڏئي ٿو، جيڪو سماج جي خوشحالي ۽ امن جو ضامن آهي. ان لاءِ اسان کي گهرجي، ته پنهنجي دائري ۾ رهندي نظم ضبط جو خيال رکون.

**قانون جو احترام:** ڪنهن به حڪومت کي هلائڻ لاءِ ڪجهه قاعدا ۽ ضابطا مقرر ڪيا ويندا آهن. انهن قاعدن ۽ ضابطن کي قانون چيو ويندو آهي. قانون جي پابندي ڪرڻ هر شهريءَ جو فرض آهي. قانون تي عمل ڪرڻ جي صورت ۾ هر شهريءَ کي پنهنجو حق ملندو آهي، ملڪ پوري نظم ۽ ضبط سان هلندو آهي ۽ سماج ۾ امن ۽ سڪون ٿيندو آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ قانون جي خلاف ورزي تي رهي هجي، هر ماڻهو پنهنجي مرضي هلائي رهيو هجي، ته اتي افراتفري پکڙجي ويندي آهي. پوءِ نه ڪنهن جي جان محفوظ رهندي آهي، نه مال ۽ نه عزت محفوظ رهندي آهي، سماج ۾ بيچيني ۽ اضطراب پکڙجي ويندو آهي ۽ اهڙي رياست کي نه مهذب رياست چئي سگهجي ٿو، نه ترقي يافته.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم ۽ صحابه ڪرام رضي الله تعالىٰ عنهم جي دور ۾ قانون جو جيڪو احترام هو ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو، ته نبي ڪريم صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم سربراه مملڪت طور منبر تي اهو اعلان ڪيو هو ته: "جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو حق منهنجي مٿان آهي، ته مون کان اچي وٺي ".

اهڙيءَ طرح حضور اڪرم صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم قانون جي نفاذ جي حوالي سان ڪنهن ننڍي ۽ وڏي امير غريب، اڇي ۽ ڪاري، عربيءَ ۽ عجميءَ جو ڪو فرق نه ڪندا هئا.

**اسان جو فرض:** هڪ مسلمان ۽ سنو شهري هجڻ جي ناتي اسان جو فرض آهي ته اسلام جي اصولن جي پاسداري ڪريون ۽ ملڪي قانونن جو احترام ڪريون. اهڙيءَ طرح هڪ سنو ۽ مهذب سماج نهي سگهي ٿو. جن سماجن ۾ لاقانونيت هجي ٿي، انهن جو امن ۽ سڪون تباهه ٿي ويندو آهي. قانون تي عمل ڪرائڻ وارن جو به فرض آهي ته هو ڪنهن کي به قانون کان بالاتر نه سمجهن. قانونن جو اطلاق سيني تي هڪجهڙو هجڻ گهرجي. ان ۾ الله تعالىٰ ۽ سندس رسول صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم جي رضا آهي، ۽ ملڪ ۽ قوم جي فلاح پڻ آهي.

**شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ سرگرمي:**

1. نظم و ضبط ۽ قانون جي احترام جو مفهوم ۽ ان جي اهميت هڪ ٻئي کي ٻڌايو.
2. قانون جي احترام سان سماج بگڙڻ کان بچي سگهي ٿو" ڪلاس روم ۾ ان تي بحث ڪرايو.

3. شاگرد ۽ شاگردياڻيون انهن قاعدن ۽ قانونن جي فهرست ناهن، جن جي اهي پابنديءَ سان پيروي ڪن ٿا.

**مشق**

1. **هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.**

i. نظم ۽ ضبط مان ڇا مراد آهي؟
ii. قانون جي احترام جو ڇا مطلب آهي؟
iii. سورت يس جون آيتون اسان کي ڪهڙي شيءِ جو درس ڏئي رهيون آهن؟
iv. اسلام جو عبادتي نظام اسان کي ڪهڙو درس ڏئي ٿو؟

2. **خالي جڳهيون ڀريو.**

i. اسلام جو عبادتي نظام اسان کي ______ جو درس ڏئي ٿو.
ii. ڪنهن بہ حڪومت کي هلائڻ لاءِ جيڪي قاعدا ۽ ضابطا مقرر ڪيا ويندا آهن، انهن کي ______ چيو ويندو آهي.
iii. حضور اڪرم صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم فرمايو: جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو بہ حق منهنجي مٿان، آهي تہ هو ______ ڪان اچي وٺي.
iv. سٺي شهريءَ جو فرض آهي، تہ هو ملڪ جي ______ جو احترام ڪري.

3. **صحيح جواب تي (√) جو نشان لڳايو.**

i. قانون جي پابندي ڪرڻ هر شهري جو ____________آهي

(الف) فرض. (ب) حق. (ج) ڪم. (د) احسان

ii. اسين انفرادي طور تي نظم ضبط جو مظاهرو ڪنداسين تہ گڏيل طور حاصل ٿيندو:

(الف) نظم ۽ ضبط. (ب) ڪاميابي. (ج) ڀلائي. (د) ترقي

iii. ۽ سج پنهنجي مقرر هنڌ تي هلندو رهي ٿو" اهو ترجمو ورتو ويو آهي:

(الف) سورة الرحمن مان (ب) سورة يس مان (ج) سورة الاخلاص مان (د) سورة الانشراح مان

iv. قانون تي عمل ڪرڻ جي صورت ۾ ملڪ هلندو آهي:

(الف) بد نظميءَ سان (ب) افراتفري سان (ج) نظم ضبط سان (د) حقن جي ادائيگيءَ سان.

4. **ڪالم-1 جي لفظن کي ڪالم-2 جي مناسب لفظن سان ملائي جملن کي مڪمل ڪريو.**

| ڪالم.1 | ڪالم.2 |
|---|---|
| 1.حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلىٰ آله واصحابه وسلم قانون جي نفاذ جي حوالي کان | 1.نهايت اهم آهي. |
| 2. شاگرد لاءِ نظم ۽ ضبط جو خيال رکڻ | 2.برابرهجي. |
| 3. قانون جو اطلاق سڀني تي | 3.نظم ۽ ضبط جو خيال رکي. |
| 4.هر فرد تي لازم آهي تہ هو پنهنجي دائري ۾ | 4.ننڍي ۽ وڏي، امير ۽ غريب، ڪاري ۽ اڇي ۾ ڪو بہ فرق نہ رکندا هئا. |

5. **هيٺين عبارتن کي مڪمل ڪريو.**

i. اسان جو فرض آهي تہ ملڪ جي قانون جو___________.
ii. هڪ طالب علم لاءِ نظم و ضبط جو خيال رکڻ ___________.
iii. نظم ۽ ضبط سان قانون ۽ قاعدن جي **پابندي** ___________.
iv. قانون جي پابندي ڪرڻ هر شهري _______________.
v. ڪائنات جو سچو نظام _____________.

**استادن لاءِ هدايتون:**

- شاگردن ۽ شاگردياڻين جي سامهون نظم ۽ ضبط ۽ قانون جي احترام بابت بزرگ هستين جي زندگيءَ مان ڪجھ وڏيڪ مثال بيان ڪريو.
- هيٺين عنوانن تي شاگردن ۽ شاگردياڻن کان مختصر مضمون لکرايو :
  - قانون جي احترام جا فائدا.
  - قانون جي خلاف ورزي جا نقصانات.

## باب پنجون: هدايت جا سرچشما/ مشاهير اسلام

### تعارف

انسانن ۾ ڪي اهڙا انسان ٿين ٿا جيڪي مضبوط ايمان، اعليٰ اخلاق، بلند ڪردار، وڏي همت، عظيم حوصلي، نهايت بهادريءَ ۽ جُرئت جا مالڪ ٿيندا آهن. جيڪي پنهنجي فڪري، علمي، ديني، سياسي ۽ سماجي خدمتن جي حوالي سان ٻين انسانن لاءِ بهترين نمونو ۽ مثال بڻجن ٿا. انهن جي سوانح حيات ۽ ڪارنامن ڪي پڙهڻ سان دل ۾ محبت جا جذبا پيدا ٿيندا آهن. ماڻهو انهن کي پنهنجي لاءِ عمل جو نمونو سمجهي، سندن نقش قدم تي هلندا آهن ۽ انهيءَ ۾ پنهنجي سعادت ۽ ڪاميابي سمجهندا آهن. اهڙين عظيم شخصيتن ۾ سيدة النساء خاتون جنت حضرت بي بي فاطمة الزهرا رضي الله عنها ۽ مخدوم نوح رحمة الله عليہ جهڙيون عظيم شخصيتون بہ آهن.

### مقاصد

هن باب ۾ جن عظيم شخصيتن جو تعارف سندن سوانح حيات ۽ خدمتون بيان ڪيون ويون آهن، انهن جو مقصد اهو آهي، تہ اسان جو نئون نسل انهن شخصيتن جي حالتن ۽ ڪارنامن کان واقف ٿي سگهي ۽ انهن لاءِ محبت جا جذبا پيدا ڪري سگهي ۽ انهن جي نقش قدم تي هلندي پنهنجو مستقبل سنوارڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي.

### (1)حضرت فاطمہ الزهرا رضي الله عنها

### سکيا جي حاصلات:

1. شاگرد حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي زندگيءَ جا حالات، مقام ۽ مرتبو ۽ سندن خصائل جاڻي ۽ سمجهي سگهندا.
2. روزاني زندگيءَ ۾ سندن سيرت ۽ ڪردار جو اتباع ڪري سگهندا.

**ولادت** :مستند روايت مطابق حضرت فاطمة الزهرا رضي الله عنها جي پيدائش بعثت نبوي کان پنج سال اڳ مڪي پاڪ ۾ ٿي، جڏهن حضرت محمد صلي الله عليہ وعليٰ آله واصحابه وسلم جي عمر پنجٽيهه (35) سال هئي ۽ بي بي سڳوريءَ جي والده ماجده حضرت خديجة الڪبري رضي الله عنها جي عمر پنجاهہ سال هئي.

### حضرت فاطمة الزهرا رضي الله عنها جا لقب:

سندن ڪيترائي لقب هئا، جن مان "سيدة نساء اهل الجنة"، "سيدة نساء العالمين"، "زهراء"، "بتول"، ۽ "طاهره" مشهور آهن.

**ننڍپڻ ۽ ابتدائي حالات** : ننڍپڻ کان حضرت فاطمة الزهرا رضي الله عنها جي فطرت ۾ تمام گهڻي سنجيدگي ۽ سادگي هئي. راند روند ۾ سندن دل نہ لڳندي هئي ۽ نہ ئي قبيلي وارن جي گهرن ۾ وڃڻ پسند ڪنديون هيون. اهي هميشہ پنهنجي والدين سان گڏ رهنديون هيون. سندن جي اها سادگي، فهم ۽ عقلمندي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعليٰ آله واصحابه وسلم

کي بيحد پسند هئي. ان ڪري حضرت محمد صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم کين "بتول" (دنيا کان ڪٽيل) چوندا هئا. بي بي سڳوري جي پرورش تعليم ۽ تربيت حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم وٽ گهر جي مبارڪ ماحول ۾ ٿي ۽ پنهنجي والده محترمہ جي نگراني ۾ شعور حاصل ڪياؤن.

هجرت مدينہ کان پوءِ حضرت فاطمة الزهرا رضي الله عنها تعليم، تربيت ۽ گهريلو معاملن سنڀالڻ جي عمر کي پهتي تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم خاتون جنت حضرت سيده فاطمہ رضي الله عنها جو سَگُ پنهنجي پياري سوٽ حضرت علي المرتضیٰ رضي الله عنه سان طئي ڪيو. حضرت علي المرتضیٰ رضي الله عنها ان وقت بي سروسامانيءَ جي حالت ۾ هئا. انهن وٽ صرف هڪ گهوڙو ۽ هڪ زره هئي. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي هدايت مطابق انهن پنهنجي زره چار سو اسي درهمن ۾ وڪرو ڪئي، جيڪا حضرت عثمان غني رضي الله عنه خريد ڪئي ۽ پوءِ اها زره حضرت علي المرتضیٰ رضي الله عنها کي هديي طور واپس ڏئي ڇڏي. حضرت علي المرتضیٰ رضي الله عنها زره جي رقم مان شادي جو انتظام ڪيو. نبي ڪريم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم نڪاح جوخطبو پڙهيو ۽ حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جو مهر چار سو درهم چاندي مقرر ڪيو ۽ گهوٽ ڪنوار جي لاءِ خير و برڪت جي دعا فرمائي. اهڙيءَ طرح ٻہ هجريءَ ۾ غزوۀ بدر کان ڪجهہ وقت پوءِ حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها سادگيءَ سان حضرت علي المرتضیٰ رضي الله عنه سان شاديءَ جي رشتي ۾ جڙي ويون

**حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي شخصيت ۽ فضائل** :حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها نهايت عمده عادتن ۽ خصلتن جون مالڪ هيون. پاڻ تمام گهڻو متقي، پرهيزگار ۽ عبادت گذار هيون. پاڻ پنهنجي گهر جا سڀ ڪم پاڻ انجام ڏينديون هيون ۽ ان دوران ذڪر الٰهي ۾ پڻ مشغول رهنديون هيون. جيتوڻيڪ پاڻ ڪيترائي ڏينهن بکن تي رهنديون هيون، پر سوال ڪندڙ کي ڪڏهن بہ خالي هٿين واپس نہ ڪنديون هيون. پاڻ هميشہ کان ڪاڏي پيتي، اُٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ لباس ۽ پنهنجي سيني اندازن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي پوري پيروي ڪنديون هيون. ام المومنين حضرت سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمائن ٿيون: مون سيني حڪمن، ڪمن ڪارين، اٿڻ ويهڻ ۾ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ و عليٰ آله واصحابه وسلم سان سڀ کان وڌيڪ مشابهت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها ۾ ڏٺي. جڏهن پاڻ حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم وٽ ايندي‌ون هيون تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابہ وسلم سندن استقبال ۾ کين "مرحبا" چوندا هئا ۽ وڏي عزت سان پنهنجي سامهون ويهاريندا هئا، ۽ جڏهن پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم سندن گهر تشريف فرما ٿيندا هئا تہ پاڻ رضي الله عنها تمام گهڻي ادب ۽ پرجوش انداز ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم سان ملنديون هيون. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم سندن باري ۾ فرمائيندا هئا تہ: "فاطمہ منهنجي جسم جو ٽڪرو آهي، جنهن ان کي خوش ڪيو، تنهن مون کي خوش ڪيو ۽ جنهن ان کي رنجايو تنهن مون کي رنجايو." حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جڏهن سفر تي ويندا هئا تہ سڀ کان آخر ۾ جنهن کان موڪلائڻ ويندا هئا اها حضرت فاطمة الزهراء رضي

الله عنها هوندي هئي ۽ سفر کان واپسيءَ تي سڀ کان پهرين جنهن سان ملندا هئا، اها به حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها ئي هوندي هئي. هڪ ڀيرو حضور اڪرم صلي الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم حضرت سيده فاطمة الزهراء جي گهر آيا ته ڏٺائون ته پاڻ اٽو ڳوهي رهيون آهن ۽ زبان تي ذڪر الٰهي جاري آهي. ڪين جيڪو لباس پاتل هو، ان تي ڪيتريون ئي چتيون لڳل هيون. هي منظر ڏسي نبي ڪريم صلي الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. پاڻ صلي الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم فرمايو: "فاطمه! دنيا جي تڪليفن جو صبر سان مقابلو ڪيو ۽ آخرت جي دائمي خوشي جو انتظار ڪيو. الله تعالیٰ ڪين ان جو بهترين اجر ڏيندو".

هڪ ڀيرو نبي ڪريم صلیٰ الله عليه وعلیٰ آله و اصحابه وسلم حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه جي گهر مهمان ٿيا، جڏهن دسترخوان آندو ويو ته حضور اڪرم صلیٰ الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم هڪ مانيءَ تي ٿورو گوشت رکي، فرمايو" :هي ڪاڏو فاطمة الزهراء رضي الله عنها کي موڪلي ڇڏيو، اها ڪيترن ڏينهن کان بک تي آهي.

غزوهٔ احد جي موقعي تي جڏهن سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها کي نبي ڪريم صلیٰ الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي زخمي ٿيڻ جو اطلاع مليو ته پاڻ رضي الله عنها گهڻو غمگين ٿي ويون ۽ جلد جنگ جي ميدان ۾ پهچي ويون ۽ پنهنجي هٿن سان نبي ڪريم صلیٰ الله عليه وعلیٰ آله و اصحابه وسلم جي زخم کي ڌوئڻ لڳيون، پيشاني مبارڪ جي زخم مان رت بند نٿي ٿيو، ته پاڻ رضي الله عنها ڪجيءَ جو تڏو ساڙي ان جي رک زخم مٿان هڻين، جنهن سان رت بند ٿي ويو.

**اولاد:** حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها کي پنجن ٻارن جو اولاد هو، جن جا نالا هي آهن: حضرت امام حسن رضي الله عنها، حضرت امام حسين رضي الله عنها، حضرت محسن رضي الله عنها، حضرت ام ڪلثوم رضي الله عنها، حضرت زينب رضي الله عنها.

**وفات:** نبي ڪريم صلیٰ الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي هن دنيا کان رخصت ٿيڻ کانپوءِ حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها گهڻو غمگين ٿي ويون هيون، تنهنڪري نبي ڪريم صلیٰ الله عليه وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي وصال کان صرف ڇهه مهينا پوءِ ٽين رمضان المبارڪ يارهن هجريءَ ۾ تقريباً اٺتيهن (29) سالن جي عمر ۾ پاڻ رضي الله عنها وفات ڪري ويون ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿيون.

اسان سڀني مسلمانن لاءِ حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي سيرت مبارڪ، سندن عبادت، پرهيزگاري ۽ عمدا اخلاق قابلِ تقليد آهن.

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

- حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي شخصيت تي هڪ مضمون لکي پنهنجي استاد کي ڏيکاريو.
- حضرت سيده فاطمة الزهراء جا لقب خوشخطيءَ سان تحرير ڪريو.

## مشق

(1) **هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.**

i. حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي ولادت ڪڏهن ٿي؟
ii. حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي والده جو نالو ڇا هو؟
iii. حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جا لقب ٻڌايو؟
iv. حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي مڙس جو نالو ٻڌايو؟
v. حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي اولاد جا نالا ٻڌايو.

(2) **صحيح جواب تي (√) جو نشان لڳايو.**

i. حضرت فاطمة الزهراء بتول رضي الله عنها، حضرت سيده خديجہ رضي الله عنها جي اولاد ۾ ڪهڙو نمبر هيون:
(الف) پهريون (ب) ٻيو (ج) ٽيون (د) آخري

ii. هڪ مستند روايت مطابق حضرت فاطمة الزهراء جي پيدا ٿيڻ وقت حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلیٰ آله و اصحابه وسلم جي عمر هئي:
(الف) 35 سال (ب) 45 سال (ج) 40 سال) (أ) د) 50 سال

iii. حضرت بي بي فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي وفات وقت عمر مبارڪ هئي:
(الف) تقريباً 24 سال (ب) تقريباً 29 سال (ج) تقريباً 34 سال (د) تقريباً 39 سال

iv. هڪ دفعي حضور اڪرم صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم هڪ ڊڳڙيءَ تي ٿورو گوشت رکندي چيوته هي ڪاڻو پهچايو:
(الف) حضرت سيده عائشه رضي الله عنها کي (ب) حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها کي (ج) هي حضرت سيده ام سلمہ رضي الله عنها (د) حضرت سيده سوده رضي الله عنها کي

(3) **خالي جڳهيون ڀريو.**

1.حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها ٻک تي هونديون هيون، تڏهن بہ ڪنهن.........کي ڪڏهن خالي هٿين واپس نہ موڪليندیون هيون .

2. حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي شادي سن....... هجري ۾ پاڻ رضي الله عنها حضرت علي المرتضي رضي الله عنها سان شادي ٿي.

3.جنگ احد ۾ حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها .................. ساڙي ان جي رک پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وعلیٰ آله واصحابه وسلم جي زخمن تي رکي هئي.

**(4) درست جملن جي سامهون (√) ۽ غلط جملن جي سامهون (X) جو نشان لڳايو.**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي اللہ عنها جي وفات نبي ڪريم صلیٰ الله عليہ وعلیٰ وآلہ واصحابہ وسلم کان اڳ ۾ ٿي.<br>2. حضرت علي رضي الله عنها وٽ شاديءَ وقت هڪ گھوڙو ۽ هڪ زره هئي، پاڻ زره وڪڻي شاديءَ جو انتظام ڪيائون.<br>3. حضرت امام حسن رضي الله عنها ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنہ جي والده جو نالو حضرت سيده خديجہ رضي الله عنها هو. | | |

**ڪالم-1 جا لفظ ڪالم-2 جي مناسب لفظن سان ملائي جملن کي مڪمل ڪريو.**

| ڪالم.1 | ڪالم 2. |
|---|---|
| 1.حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي پيدائش | 1. جن مان هڪ "سيدة نساء اهل الجنت" آهي. |
| 2.بتول" جي معنیٰ آهي | 2. منهنجي جسم جو ٽڪرو آهي. |
| 3.حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جا ڪيترائي القاب هئا، | 3. بعثت نبوي کان پنج سال اڳ ٿي. |
| 4.حضور اڪرم صلیٰ الله عليہ وعلیٰ وآلہ واصحابہ وسلم چيو تہ حضرت فاطمةالزهراء رضي الله عنها | 4. دنيا کان تعلق ٽوڙڻ واري. |

**استاد لاءِ هدايتون**

**شاگردن ۽ شاگردياڻين** کي حضرت سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي زندگيءَ بابت وڌيڪ معلومات ڏيو.

هيٺين عنوانن تي شاگردن ۽ شاگردياڻين کان مختصر مضمون لکرايو:

- حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي، شادي، ڏاج ۽ اولاد.
- حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي ڪردار جون خوبيون.

## 2. حضرت مخدوم نوح سرور هالائي رحمة الله عليہ

**سکيا جي حاصلات:**

1. شاگرد حضرت مخدوم نوح سرور هالائي رحمة الله عليہ جي زندگيءَ جي حالتن ۽ سندن مجاهدانہ خدمتن کان آگاه ٿي سگهندا.

**ولادت:** مخدوم نوح رحمة الله عليہ جو اصل نالو مخدوم لطف الله هو، پر پاڻ مخدوم نوح سرور جي نالي سان اهڙو مشهور ٿيا جو ماڻهو سندن اصل نالو ئي وساري ويٺا. سندن ولادت سنہ 911 هجري مطابق 1506 ع هالا ڪنديءَ جي ڳوٺ "توري" ۾ ٿي. سندن والد ماجد جو نالو مخدوم نعمت الله هو، جيڪي سهروردي سلسلي جا صوفي بزرگ هئا ۽ سندن ڪيترائي معتقد ۽ مريد هئا. مخدوم نوح رحمة الله عليہ جو وڏو ڏاڏو جي حضرت فخرالدين "ڪبير" ڊيره غازي خان، پنجاب جي ڳوٺ 'ڪروڙ' مان هجرت ڪري بوبڪ، شهر ۾ اچي آباد ٿيا. پوءِ ڪافي عرصي بعد سندن پوٽا مخدوم فخر الدين "صغير" هجرت ڪري سنڌ جي هالا ڪنديءَ، هالا ۾ اچي رهيا، جتي مخدوم نوح مزارآهي.

سنڌ جا مشهور معروف شاعر ۽ اديب مخدوم محمد زمان "طالب المولي" رحمة الله عليہ جي ئي خاندان مان آهن.

مخدوم نوح سرورؒ شروعاتي تعليم ئي پڙهيو، جيڪا هالا ڪنديءَ جي مشهور استاد ۽ عالم مخدوم شاهہ ڏني (وفات 1572 ع) کان حاصل ڪيائين پر سندن مطالعو وسيع هو، ان ڪري پاڻ قرآن مجيد جو فارسي ترجمو ڪرڻ ۽ ٻين ڪتابن جي تشريع ڪرڻ ۾ ماهرهئا.

مخدوم نوح سرورؒ برصغير جا تمام وڏا عارف بالله، استاد، روحاني مرشد ۽ سهروردي ۽ اويسي سلسلي جا صوفي بزرگ سمجهيا وڃن ٿا. روايتن مطابق، سندن نسب جو سلسلو حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنها سان ملي ٿو. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ چوندا هئا ت هو سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنها جي اولاد مان آهي ۽ سيدنا ابو بڪر صديق رضي الله عنها تائين پنهنجو شجره نسب زباني ٻڌائيندا هئا. جنهن ڪري کين "صديقي" پڻ چيو ويندو آهي.

مخدوم نوح سرور جون خدمتون: مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ برصغير جا پهريان سنڌي عالم هئا، جن قرآن مجيد جو فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو، جيڪا ان وقت جي سرڪاري زبان هئي. مخدوم صاحب جي زماني ۾ سنڌ تي ارغونن ۽ ترخانن جي حڪمراني هئي، جن جي سرڪاري زبان فارسي هئي. ان مان سندن عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ مهارت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مخدوم صاحب کان هڪ نئين صوفي سلسلي "سروريہ" جو آغاز ٿيو. پاڻ پنهنجي دور ۾ اسلام جا تمام وڏا داعي ۽ مبلغ هئا. سندن خانقاه ۾ پري پري کان صوفي ۽ درويش اچي ڪانئن فيض حاصل ڪندا هئا. پاڻ پنهنجي خانقاه ۾ پنهنجي خطبن، واعظن ۽ ذڪر ذڪار جي مجلسن ذريعي اسلام جو آفاقي پيغام پکيڙيائون. سندن عظيم قرآن مجيد جو ان دور جي سرڪاري زبان يعني فارسيءَ ۾ ترجمو آهي. جيڪو طباعت جي زيور سان آراستہ ٿي چڪو آهي.

مخدوم نوح رحمة الله عليہ جي صوفيانہ تعليم ۽ فڪر کان گهڻا ماڻهو متاثر ٿي، سندن فڪري جي حلقي ۾ شامل ٿيا ۽ سروري چورايائون. سندن مريد سنڌ، پنجاب ۽ هندستان ۾ پکڙيل آهن. انهن مان شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارا تمام مشهور آهن. بيان ٿا ڪن تہ انهن وٽ علائقي جا علماء پڻ حاضر ٿيندا هئا ۽ ڪائنڻ علم ۽ عرفان حاصل ڪندا هئا، ان مان بہ انهن جي علمي مقام جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. وقت جا حڪمران، جيئن مرزا محمد باقي پڻ انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا.

مخدوم نوح رحمة الله عليہ سرور سنڌي زبان ۾ شاعري پڻ ڪئي آهي، جنهن ۾ پنهنجو تخلص "جوڳي" استعمال ڪيو ٿائون. سندن شاعريءَ ۾ تصوف ۽ اخلاق جي تعليم ڏنل آهي. آسان زبان ۾ شاعري ڪيائون، جنهن ۾ اسلامي صوفيانہ تعليمات پيش ڪيائون.

مخدوم نوح رحمة الله عليہ جو **زهد ۽ تقويٰ**: سندن سڄي عمر محبت الٰهيءَ ۽ ذڪر خداونديءَ ۾ گذري. پاڻ اسلامي احڪامن جا تمام وڏا پابند هئا. روايتن ۾ اچي ٿو تہ ڪڏهن بہ باجماعت نماز نہ ڇڏيائون. ماڻهن کي ڪلمہ طيبہ جو ذڪر تلقين ڪندا هئا.

مخدوم نوح رحمة الله عليہ جي سنہ 998 هجري مطابق 1589 ع ۾ وفات ٿي ڪين هالا ۾ دفن ڪيو ويو، جتي سندن مزار سرور نوح جي نالي سان هالا ۾ مشهور آهي، جتي هر سال ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين زائرين اچن ٿا.

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي:

شاگرد ۽ شاگردياڻيون هڪ ٻئي کي مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ جي زندگيءَ جو مختصر احوال ڪهاڻي جي صورت ۾ ٻڌائين.

**مشق**

(2). **هيٺين سوالن جا جواب ڏيو**.

i. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ جو اصل نالو ڇا هو؟
ii. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ جي والد ماجد جو نالو ٻڌايو.
iii. فارسي زبان ۾ سڀ کان پهرين قرآن مجيد جو ترجمو ڪنهن ڪيو؟
iv. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ جي مزار ڪهڙي شهر ۾ واقع آهي؟

**(2). صحيح جواب تي (√) جو نشان لڳايو.**

i. مخدوم نوح سرور ؒ جو شجره نسب جنهن صحابيءَ سان ملي ٿو، سو آهي:
(الف) حضرت عمر فاروق رضِي الله عنها (ب) حضرت علي رضي الله عنها (ج) حضرت ابو بڪر صديق رِضي الله عنها (د) حضرت عثمان رضي الله عنها

ii. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ جي مزار واقع آهي:
(الف) هالا ۾ (ب) سکر ۾ (ج) حيدرآباد ۾ (د) ڪراچيءَ ۾

iii. مخدوم نوح سرور کان جيڪونئون صوفي سلسلو شروع ٿيوسو آهي:
(الف) قادريہ (ب) چشتيہ (ج) سروريہ (د) اويسيه

iv. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ برصغير جا پهريان سنڌي عالم هئا، جن قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو:
(الف) فارسي زبان ۾ (ب) سنڌي زبان ۾ (ج) اردو زبان ۾ (د) سرائيڪي زبان ۾

**(3). خالي جڳهيون پريو:**

i. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ جي زماني ۾ سنڌ تي ...................... جي حڪمراني هئي.

ii. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ شاعري پڻ ڪئي، جنهن ۾ هنن .............. تخلص استعمال ڪيو.

iii. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ کان هڪ نئون صوفي سلسلو .............. شروع ٿيو

iv. سندن شجره نسب ...................................... سان ملندو آهي.

**(4) . درست جملن جي سامهون (√) ۽ غلط جملن جي سامهون (X) جو نشان لڳايو.**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ارغونن ۽ ترخانن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جي سرڪاري زبان فارسي هئي. | | |
| 2. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ جو اصل نالو مخدوم نعمت الله هو. | | |
| 3. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ جي مزار روهڙي ۾ واقع آهي. | | |
| 4. مخدوم محمد زمان طالب المولي، مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ جي خاندان مان هئا. | | |

**5. ڪالم-1 جي لفظن کي ڪالم-2 جي مناسب لفظن سان ملائي جملن کي مڪمل ڪريو.**

| ڪالم.1 | ڪالم.2 |
|---|---|
| 1. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ چوندا هئا تہ | تمام وڏا داعي ۽ مبلغ هئا |
| 2. مخدوم نوح رحمة الله عليہ پنهنجي دور ۾ اسلام جا | عرب ملڪ کان هجرت ڪري ڊيره غازي خان جي ويجهو ڪوٽ ڪروڙ ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيا. |
| 3. هنن پنهنجي خطبات، وعظ ۽ نصيحت جي مجلسن ذريعي | پاڻ سيدنا ابو بڪر صديق رضي الله عنها جي اولاد مان آهن. |
| 4. مخدوم نوح رحمة الله عليہ جو ڏاڏو حضرت فخرالدين "ڪبير" | اسلام جو آفاقي پيغام پکيڙيو. |

**استادن لاءِ هدايت**

-استاد مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ پاران قرآن مجيد جي فارسيءَ ۾ ٿيل ترجمي بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي وڌيڪ تفصيل سان ٻڌائي.

پاڪ سَـر زمين شـادبَاد
كِشورِ حسين شادبَاد

تُونشانِ عزمِ عالِي شان
اَرضِ پـاكـــستان

مركزِ يقين شاد بَاد

پاڪ سَرزمين كا نِظام
قُـوّتِ اُخُـوّتِ عـوام

قـوم، مُـلـڪ، سَلـطنت
پائـنِـده تـابِـنـده بـاد

شاد بَاد منزلِ مراد

پَـرچَمِ سـتـاره و هــلال
رَهبرِ ترقّــي و كمال

ترجمانِ ماضي، شانِ حال
جـــانِ اِســتــقـبــال

سَايہِ خُدائي ذُوالجلال

درجو اٺون

Directorate of Curriculum Assessment & Research (DCAR)

School Education & Literacy Department, Government of Sindh

Directorate of Literacy & Non-Fomal Education

Tel: +92-21-99217771
E-mail: infesindh@gmail.com
Web: www.infesindh.gos.pk